مَنْ يُرِدِ اللّٰهُ بِهٖ خَيْرًا يُفَقِّهْهُ فِي الدِّيْنِ (الحديث)

# تعليم النساء

مؤلف

حضرت علامه مولانا **محمد قاسم گبول** طاهري نقشبندي

ايم.اي. فاضل

الاصلاح پبليڪيشن دادو، سنڌ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

من يرد الله به خيرا يفقهه في الدين (الحديث)

جنهن سان الله تعاليٰ ڀلائي ڪرڻ چاهيندو آهي، ان
کي دين جي سمجهه عطا فرمائيندو آهي.

وضو، غسل، نماز، حيض، نفاس، استحاضه ۽
احڪام ميت تي مشتمل ڪتاب

# تعليم النساءَ

حصو پهريون ۽ ٻيو


مولف

حضرت علامه مولانا **محمد قاسم گبول** طاهري نقشبندي

ايم اي. فاضل

درگاهه الله آباد شريف، ڪنڊيارو، ضلع نوشهرو فيروز



ڇپائيندڙ:

الاصلاح پبليڪيشن دادو، سنڌ

**حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ**


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | تعليم النساء |
| مولف: | حضرت علامہ مولانا **محمد قاسم گبول** طاهري نقشبندي |
| ڇاپو: | پهريون، صفر 1427هه (مارچ 2006ع) |
| تعداد: | 1000 (هڪ هزار) |
| ڇپائيندڙ: | الاصلاح، پبليڪيشن دادو. |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | غلام اصغر لغاري، مُرڪ ڪمپيوٽر ڪمپوزرس، دادو |
| هديہ: | 35.00 روپيہ |


**ڪتاب ملڻ جو هنڌ:**

1. ادارة المعرفة درگاهہ الله آباد شريف ڪنڊيارو

ضلعو نوشهرو فيروز

فون: (0242-449808) موبائيل: 0300-2653221

2. الاصلاح ڪتاب گهر ۽ ڪيسيٽ هائوس

مڇي مارڪيٽ روڊ، دادو

# فهرست مضامين

**حصو پهريون**

انتساب 04

مقدمہ 05

نماز جون فضيلتون ۽ برڪتون 09

ايمان مفل ۽ مجمل ۽ ڇهہ ڪلما 11

وضو جو بيان 14

غسل جو بيان 20

نماز پڙهڻ جي صحيح ۽ مسنون طريقي جو بيان 23

**حصو ٻيو**

حيض، نفاس ۽ استحاضہ جو بيان 38

حيض جي حڪمن جو بيان 50

استحاضہ جو بيان 56

نفاس جو بيان 63

احڪام معذور 74

آخرت جي سفر جي تياري 77

# اداريو

تعمير معاشري لاءِ جيتري اهميت ۽ ضرورت مردن جي اصلاح جي آهي اوتري ئي عورتن جي تعليم و تربيت ۽ اصلاح جي ضرورت آهي. اها حقيقت آهي ته ماءُ جي هنج ٻار جي بهرين درسگاهه هوندي آهي ۽ انهيءَ درسگاهه منجهان جيڪو ڪجهه ٻار سکندو آهي اهو ان جي دل و دماغ تي پٿر تي نقش وانگر چنبڙجي ويندو آهي، جيڪو سڄي ڄمار نه وسرندو آهي. پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو معمول هوندو هيو ته پاڻ مردن ۽ عورتن ڪي مخاطب ٿيندا هئا پر ڪڏهن ڪڏهن عورتن لاءِ الڳ مجلسون پڻ منعقد فرمائيندا هئا. ته جيئن ان جي ذريعي خواتين جي تربيت ٿي سگهي.

پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سنت جي پيروي هر دور ۾ علماءِ ۽ بزرگان دين پنهنجي واعظن، تصنيف و تاليف ۾ عورتن جي اهميت جو خيال رکندي ڪيترائي ڪتاب عورتن جي اصلاح لاءِ لکيا ويا آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ حضرت علامه مولانا محمد قاسم ڳڀول طاهري نقشبندي جو هي ڪتاب "تعليم النساء" انهيءَ اصلاحي ڪم جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪو انشاءالله عورتن جي اصلاح جو بهترين ذريعو ثابت ٿيندو ۽ دل سان دعا آهي ته الله تعاليٰ مسلمان عورتن کي هن ڪتاب جي صحيح قدرداني ڪرڻ ۽ بين تائين پهچائڻ جي توفيق عطا فرمائي، سنڌن تعليم ۽ تربيت جو ڪارآمد ذريعو بنائي ۽ الله تعاليٰ پنهنجي بارگاهه ۾ شرف مقبوليت عطا فرمائي ڪري حضرت علامه مولانا محمد قاسم ڳڀول صاحب ۽ ڪتاب جي اشاعت ۾ حصي وٺڻ وارن سڀني دوستن کي جزاءِ خير عطا فرمائي. آمين

نعمت الله طاهري

# انتساب

آئون پنھنجي ھن ٿورڙي محنت جي نسبت ۽ ان جو ثواب پنھنجي مرحوم والده ماجده ۽ مرحوم ماسي صاحبہ رحمھما الله تعاليٰ جي نالي ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. (ماسي صاحبہ جو وصال 11 ڊسمبر 1989ع ۽ والده ماجده جو وصال 21 ذوالحج 1422 هجري ۾ ٿيو. انا لله و انا اليہ راجعون. جن پنھنجي پوري زندگي تقويٰ ۽ پرهيزگاري، عبادت ۽ رياضت ڪندي مسافر جماعت ۽ مدرسي جي شاگردن جي لاءِ لنگر پچائيندي گذاري. ھن وقت تہ اٽي پيھڻ لاءِ مشين آھي پر جنھن وقت اھا سھولت نہ ھئي تہ ھٿن سان جنڊ ھلائي اٽو تيار ڪري لنگر پچائينديون ھيون. شايد ھاڻي اهڙو خلوص نئين نسل ۾ ڪڏھن بہ پيدا نہ ٿئي.

شال الله تعاليٰ مرحومين جي مغفرت فرمائي ۽ کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سندن جي خدمتن کي تاقيامت صدقہ جاريہ فرمائي.

شال الله تعاليٰ اسان کي ۽ اسان جي اولاد کي اھا توفيق عطا فرمائي جو سندن جي نقش قدم تي ھلندي پوري زندگي الله وارن جي دربار تي سندن جي غلامي ۾ گذاريون. (آمين)

ھن ڪتاب مان استفاده ڪندڙ پيرن جي خدمت ۾ التماس آھي تہ پنھنجن مقبول دعائن ۾ اسان جي جميع مرحومين جي مغفرت ۽ درجات جي بلنديءَ لاءِ بہ دعا گھرو. الله تعاليٰ توھان کي جزاءِ خير عطا فرمائي.

**فقير محمد قاسم گبول طاھري**

ساڪن درگاھ الله آباد شريف ڪنڊيارو،

ضلع نوشھرو فيروز

حال معلم العربية في المدرسة الثانوية الحكومية بھلاني

٢٩ رمضان المبارڪ، ١٤٢٦ھ بمطابق 3 نومبر 2005ع

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# مقدمه

نحمده و نصلي عليٰ رسوله الڪريم

اما بعد! هي ڪتاب خاص عورتن جي لاءِ لکيو ويو آهي. هن جا ٻه حصا ڪيا ويا آهن. پهرين حصي ۾ اختصار سان وضو، غسل ۽ نماز جا مسائل بيان ڪيا ويا آهن ۽ ٻئي حصي ۾ عورتن جا مخصوص مسائل (يعني حيض ۽ نفاس جا) تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن.

حيض ۽ نفاس جي مسئلن کي جيڪڏهن سرسري نظر سان پڙهبو ته گهڻا مسئلا هڪ جهڙا معلوم ٿيندا. پڙهڻ وارو ائين محسوس ڪندو ته اهو مسئلو ته پوئين صفحي ۾ پڙهي آيس وري هتي لکڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ پڙهڻ واري کي گهرجي ته ٻنهي مسئلن جي سيني جزين کي پوري توجه ۽ غور سان پيتي ڏسي ته ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه ۾ ٿورو گهڻو فرق ضرور محسوس ٿيندو، پر جيڪڏهن پاڻ کي ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي ته ڪنهن علم واري کان سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. مطلب ته جيڪو به مسئلي جي سمجهڻ جي ضرورت محسوس ڪندو اهو ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان سمجهي ويندو.

پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو جو خواتين انهن فرضي مسئلن کي ڪا اهميت ئي نه ٿيون ڏين، نتيجو اهو ٿو نڪري جو بي خبريءَ جي ڪري پنهنجون نمازون ۽ روزا ضايع ڪنديون رهن ٿيون.

منهنجي خيال ۾ سوَن ۾ ته ڇا پر هزارن ۾ به شايد ڪا هڪڙي اهڙي نيڪ پارسا خاتون هجي جيڪا صحيح نموني سان اهي مسائل سمجهي ڪري جائز و ناجائز ۾ فرق ڪندي نماز ۽ روزي جهڙا اهم فرض

صحيح نموني سان ادا ڪندي هوندي.

جيڪڏهن ڪنهن کي ٿورا گهڻا مسئلا معلوم هوندا ته به صحيح نموني سان سمجهيل نه هوندا پر اڪثريت جو حال هي آهي جو ويچارين کي ڪا به ڄاڻ نه آهي. بس توڪل تي پيو ڪم هلي.

هن ڪتاب جي پڙهڻ کان پوءِ ئي خبر پوندي ته واقعي اها ڳالهه صحيح آهي يا نه. هن ڪتاب جي مسئلن کي پنهنجي اڳوڻي ڄاڻ سان ڀيٽي ڏسجي ته انهن مسئلن جي باري ۾ توهان کي اڳ ۾ ڪيتري ڄاڻ هئي. ممڪن آهي ته ڪن بي خبر خواتين کي ڪي مسئلا نوان معلوم ٿين ۽ ٿي سگهي ٿو ڪا پلاري ائين به چئي وجهي ته "هيتري عمر ۾ اسان اهو مسئلو ٻڌوئي نه آهي هاڻي وري اهو ڪٿان پيدا ٿيو آهي؟"

انهن ڀينرن کي منهنجي گذارش آهي ته ناراض ٿيڻ بجاءِ انهن مسئلن کي وري وري غور سان پڙهو ۽ پوءِ سوچيو ته اهو مسئلو نئون آهي يا توهان جي بي خبريءَ جو نتيجو آهي.

مردن کي عورتن جي بنسبت سکڻ ۽ سيکارڻ جا گهڻا مواقع ميسر ٿين ٿا، جيڪڏهن سکڻ جي ڪوشش ڪن ته گهڻو ڪجهه سکي سگهن ٿا پر ويچارين عورتن کي ايترا مواقع ميسر نه ٿا ٿين.

جهڙيءَ طرح گهر جو سربراهه دنياوي معاملات ۾ گهر جي سڀني فردن جي هر ڳالهه جو ذمه دار هوندو آهي بلڪل اهڙيءَ طرح اخروي معاملات ۾ به اهوئي ذمه دار آهي. حضور صلي الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو: "كلكم راع و كلكم مسئول عن رعيته"

ترجمو: " توهان سڀئي ڌنار آهيو، توهان کان ئي توهان جي ڌڻ جي (نفع ۽ نقصان) جي باري ۾ پڇا ڪئي ويندي.

هتي ڌنارن مان مراد گهر جو سربراهه ۽ ڌڻ مان مراد ان جي زير ڪفالت ان جي گهر جا ڀاتي آهن. لهٰذا هن شرعي معاملي ۾ به گهر جي سربراهه جي ذمه داري آهي ته گهر جي خواتين کي انهن مسئلن جا ڪتاب

خريد ڪري ڏئي. اهڙي گهر، اداري يا الله وارن جي دربار تي خواتين معلمات جي ذريعي انهن جي تعليم ۽ تربيت جو بندوبست ڪري.

حضور صلي الله عليه وسلم جن جي حديث پاڪ آهي ته: "اطلبوا العلم و لوبالصين" ترجمه: "علم حاصل ڪيو (چاهي ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ) توهان کي چين ئي ڇو نه وڃڻو پوي.

انهي حديث پاڪ جو مطلب هي آهي ته جيڪو فرضي علم گهر ويٺي حاصل ٿي نه ٿو سگهي ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترو به پري وڃڻو پوي اتي ضرور وڃي ڪري اهو علم حاصل ڪجي.

پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اهڙو احساس تمام ٿورڙن ماڻهن جي دلين ۾ آهي. اهي ڪجهه نه ڪجهه انهي پاسي ڪوشش ڪن ٿا، مگر گهڻن ماڻهن جي ذهن تي اڃا تائين اهي جاهلاڻا خيال غالب آهن جنهن جي بنياد تي چوندا آهن ته "عورت جو مرشد مڙس آهي" يا وري چوندا آهن ته "عورت کي پنهنجي پوري زندگي گهر جي چار ديواريءَ جي اندر گذارڻي آهي، ان کي ٻاهر نڪرڻو ئي نه آهي تانجو ان جي جنازي جي ڪٽ ٻاهر نڪري".

"باين عقل و دانش بيا يد گريست" يعني اهڙي عقل ۽ سمجهه تي روئڻ گهرجي. مرشد (مڙس) جو حال هي آهي جو ان کي ڏڏ لاهڻ جي به خبر نه آهي ته اهو وري مريدياڻي (زال) جي ڪهڙي تربيت ڪندو؟

"او خويش گم است ڪه را رهبري ڪند" يعني جيڪو پاڻ ئي ڀٽڪيل آهي سو وري ٻئي جي ڪهڙي رهبري ڪندو. حضور پاڪ صاحب لولاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي حديث پاڪ آهي: " طلب العلم فريضة عليٰ ڪل مسلم و مسلمة" ترجمه: " علم جو حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد خواه عورت تي فرض آهي".

انهيءَ علم مان مراد نماز، روزي، حج ۽ زڪوات جا فرضي مسائل آهن. حج ۽ زڪوات جا مسائل، انهن ماڻهن تي سکڻ فرض آهن

جن تي حج ۽ زڪوات فرض آهن. باقي نماز ۽ روزي جا مسائل تہ هر عاقل و بالغ مسلمان مرد خواه عورت، امير خواه غريب تي سکڻ فرض آهن. بلڪل اهڙيءَ طرح عورتن تي فرض آهي تہ نماز ۽ روزي جي مسائل سان گڏ حيض ۽ نفاس جا مسائل بہ سکن.

عورتن ۾ هڪ تہ تعليم گهٽ آهي، وري جيڪي لکيل پڙهيل عورتون آهن، اهي وري ڪوڙا قصا، ناول، ڊائجسٽون ۽ ٻيو غير مهذب لٽريچر وڏي شوق سان پڙهنديون باقي اهو احساس ڪڏهن بہ انهن جي دلين ۾ پيدا نہ ٿيندو تہ فرضي علم سکڻ لاءِ ٿورو وقت وقف ڪري اهڙن مسئلن جا ڪتاب خريد ڪري پڙهن، سمجهن. پنهنجون نمازون ۽ روزا صحيح نموني سان ادا ڪن ۽ پنهنجن غير تعليم يافتہ ڀينرن جي بہ رهنمائي ڪن.

شال الله تعاليٰ مرد حضرات جي دلين ۾ اهو احساس پيدا ڪري جو پنهنجي گهر جي خواتين جي تعليم ۽ تربيت ڏي ڪجهہ توجهہ ڏين ۽ اخروي عتاب کان بچن.

۽ خواتين ڪي بہ گهرجي تہ مرد حضرات جي رحم و ڪرم تي نہ ياڙين بلڪہ ”پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ“ جي اصول تي هلندي انهن مسئلن جا ڪتاب خريد ڪري پڙهن ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. جيڪڏهن ڪا عورت پڙهيل نہ آهي يا ڪتاب مان مسئلو سمجهہ ۾ نہ اچي تہ پنهنجي خاوند کان يا ڪنهن لکيل پڙهيل ڀيڻ کان رهنمائي حاصل ڪري. پنهنجون نمازون ۽ روزا صحيح نموني سان ادا ڪري، اخروي عتاب کان پنهنجو پاڻ کي بچائي. (مؤلف)

•••

# تعليم النساء

## حصو پهريون

مشتمل برمسائل و فضائل وضو، غسل و نماز

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# نماز جون فضيلتون ۽ برڪتون

**حديث:** ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو جيڪو ٻانهو وقت تي نماز پڙهي ٿو ان ٻانهي تي هيءَ مهرباني ڪرڻ منهنجي ذمي آهي تہ ان کي عذاب نہ ڏيان ۽ بي حساب جنت ۾ داخل ڪريان.

**حديث:** حضور صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو آهي تہ پنهنجي اولاد کي نماز جو حڪم ڪيو. جڏهن ستن سالن جا ٿين ۽ جڏهن ڏهن سالن جا ٿين ۽ نماز نہ پڙهن تہ پوءِ انهن کي مار ڏيئي بہ نماز پڙهايو ۽ انهن (يعني انهي عمر جي ڀاءُ ۽ ڀيڻ) جا بسترا بہ الڳ ڪريو انهن کي گڏ نہ سمهاريو. (ابو داؤد).

**حديث:** حضرت عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ هڪڙي شخص عرض ڪيو تہ الله تعاليٰ وٽ سڀ کان محبوب شي ڪهڙي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ وقت جي اندر نماز پڙهڻ ۽ جنهن نماز ڇڏي ڏني ان جو ڪوئي دين نہ آهي. نماز دين جو ٿنڀ آهي. (بيهقي).

**حديث:** حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن ٻانهي جي اعمال مان پهريان نماز جو حساب ٿيندو، پوءِ جيڪڏهن ان جي نماز نيڪ نڪتي (يعني سيئي نمازون ادا ڪيون هونديون) تہ ڪامياب ۽ بامراد ٿيندو، ۽

جيڪڏهن نماز صحيح نہ ٿي تہ نقصان ۾ پوندو ۽ ڪاميابيءَ کان محروم رهجي ويندو.

**حديث:** صحيحين ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ ٻڌايو تہ ڪنهن جي دروازي تي ڪا نهر هجي ۽ اهو روزانو ان ۾ پنج ڀيرا غسل ڪري ڇا ان جي بدن تي ڪا مير رهندي؟ اصحابن سڳورن عرض ڪيو تہ يا رسول الله! ان جي بدن تي ڪجهہ مير نہ رهندي. پاڻ فرمايائون اهوئي مثال آهي پنجوقتي نمازن جو، الله تعاليٰ ان نمازيءَ جا سڀ گناهہ معاف ڪري ٿو.

## دين اسلام ۾ نماز جو مرتبو:

**حديث:** حضور صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ ان جو ڪو دين ئي نہ آهي جيڪو نماز نہ ٿو پڙهي. نماز جو مرتبو دين اسلام ۾ اهوئي آهي جيڪو سِسِيءَ جو مرتبو (انسان جي) جسم ۾ آهي يعني جيئن سِسِيءَ کان سواءِ ڪير بہ زنده رهي نہ ٿو سگهي اهڙي طرح نماز کان سواءِ ماڻهو صحيح مسلمان ٿي نہ ٿو سگهي. (در منثور)

## نماز جي چوري:

**حديث:** هڪ ڀيري حضور صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ سڀني ماڻهن مان برو اهو چور آهي جيڪو پنهنجي نماز جي چوري ڪري ٿو. هي ٻڌي اصحابن سڳورن عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلي الله عليہ وسلم نماز جي چوري ڪيئن ٿيندي آهي؟ پاڻ فرمايائون (نماز جي چوري هي آهي تہ) ان جا رڪوع ۽ سجدا پوري طرح ادا نہ ڪري.

هي چند حديثون نماز جي فضائل ۽ برڪات متعلق عرض ڪيون ويون. هاڻي ايمان مفصل ۽ ايمان مجمل ۽ ڇهہ ڪلمان ترجمہ سميت لکي ان کان پوءِ اختصار سان وضو ۽ نماز جا مسائل ۽ ان کان پوءِ ٻئي حصي ۾ تفصيل سان حيض ۽ نفاس جا مسائل بيان ڪيا ويندا. وما توفيقي الا بالله.

**ايمان مفصل:** اٰمَنْتُ بِاللهِ وَ مَلٰٓئِكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَ شَرِّهٖ مِنَ اللهِ تَعَالىٰ وَالْبَعْثِ بَعْدَ الْمَوْتِ

ترجمو: "مون الله تعالىٰ تي ايمان آندو ۽ ان جي فرشتن تي ۽ ان جي كتابن تي ۽ ان جي رسولن تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ۽ چڱي ۽ بري تقدير تي جو اها الله تعالىٰ جي طرف كان آهي ۽ مرڻ كان پوءِ جيئرو ٿي اٿڻ تي.

**ايمان مجمل:** اٰمَنْتُ بِاللهِ كَمَا هُوَ بِاَسْمَآئِهٖ وَصِفَاتِهٖ وَ قَبِلْتُ جَمِيْعَ اَحْكَامِهٖ اِقْرَارٌ بِاللِّسَانِ وَ تَصْدِيْقٌ بِالْقَلْبِ

ترجمو: "مون ايمان آندو الله تعالىٰ تي جيئن جو اهو پنهنجن نالن ۽ صفتن سان آهي ۽ مون ان جي سيني حڪمن كي قبول كيو. زبان سان اقرار ۽ دل سان يقين آهي.

**پهريون ڪلمو طيب:**

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ ط

ترجمو: "الله كان سواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي محمد صلي الله عليه وسلم الله جو رسول آهي.

**ٻيون ڪلمون شهادت:**

اَشْهَدُ اَنْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَ رَسُوْلُهٗ

ترجمو: مان شاهدي ڏيان ٿي تہ الله كان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي. اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ نہ آهي ۽ مان شاهدي ڏيان ٿي تہ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي.

**ٽيون ڪلمو تمجيد:**

سُبْحَانَ اللهِ وَ الْحَمْدُلِلهِ وَلَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

ترجمو: ”پاڪ آهي الله ۽ سڀ تعريفون الله تعاليٰ لاءِ آهن ۽ الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي ۽ الله گهڻو وڏو آهي ۽ گناهن کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪيون ڪرڻ جي قوت الله تعاليٰ جي طرف کان ئي آهي، جيڪو مٿاهين شان ۽ عظمت وارو آهي.

**چوٿون ڪلمون توحيد:**

لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِ وَ يُمِيْتُ وَهُوَحَيٌّ لَّا يَمُوْتُ اَبَدًا اَبَدًا ذُوالْجَلَالِ وَ الْاِكْرَامِ بِيَدِهِ الْخَيْرُ وَهُوَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ

ترجمو: ”الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبه معبود نه آهي ان جو ڪوبه شريڪ نه آهي. ان جي بادشاهي آهي ۽ ان جي لاءِ ئي سڀ تعريفون آهن. اهو جيئرو ڪري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ اهو هميشه هميشه لاءِ زنده آهي جيڪو نه ٿو مري عظمت ۽ بزرگيءَ وارو آهي ڀلائي ان جي ئي هٿ ۾ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي.

**پنجون ڪلمون استغفار:**

اَسْتَغْفِرُ اللهَ رَبِّيْ مِنْ كُلِّ ذَنْبٍ اَذْنَبْتُهٗ عَمَدًا اَوْ خَطَاً سِرًّا اَوْعَلَانِيَةً وَّ اَتُوْبُ اِلَيْهِ مِنَ الذَّنْبِ الَّذِيْ اَعْلَمُ وَ مِنَ الذَّنْبِ الَّذِيْ لَآ اَعْلَمُ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ وَ سَتَّارُ الْعُيُوْبِ وَ غَفَّارُ الذُّنُوْبِ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

ترجمو: ”مان الله کان معافي گهران ٿي جيڪو منهنجو پالڻهار آهي، هر گناهہ کان جيڪو مون ڄاڻي ٻجهي ڪيو يا ڀلجي ڪيو، لڪ ۾ يا ظاهر ۾ ڪيم ۽ مان توبهہ ڪيان ٿي ان جي حضور ۾ ان گناهہ کان جيڪو مون کي معلوم آهي ۽ ان گناهہ کان جيڪو مون کي معلوم نہ آهي بيشڪ تون غيبن جو ڄاڻڻ وارو آهين ۽ عيبن کي ڍڪڻ وارو آهين ۽ گناهن جي بخشڻ وارو آهين ۽ گناهن کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ جي قوت الله تعاليٰ جي ئي طرف کان آهي، جيڪو مٿاهين شان ۽ عظمت وارو آهي.

## ڇهون ڪلمون رد ڪفر

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُبِكَ مِنْ اَنْ اُشْرِكَ بِكَ شَيْئًا وَّاَنَا اَعْلَمُ بِهٖ وَاَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَآاَعْلَمُ بِهٖ تُبْتُ عَنْهُ وَتَبَرَّاْتُ مِنَ الْكُفْرِ وَالشِّرْكِ وَالْكِذْبِ وَالْغِيْبَةِ وَالْبِدْعَةِ وَالنَّمِيْمَةِ وَالْفَوَاحِشِ وَالْبُهْتَانِ وَالْمَعَاصِيْ كُلِّهَا وَاَسْلَمْتُ وَاَقُوْلُ لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ

ترجمو: ”اي الله! مان تنهنجي پناهہ ٿي گهران، هن ڳالهہ کان تہ ڪنهن شي کي تنهنجو شريڪ بنايان ۽ مون کي ان جي ڄاڻ بہ آهي ۽ مان معافي گهران ٿي ان (گناهہ) کان جنهن جي مون کي ڄاڻ نہ آهي، مون ان کان توبهہ ڪئي ۽ مان بيزار ٿيس، ڪفر کان ۽ شرڪ کان ۽ ڪوڙ کان ۽ گلا کان ۽ بدعت کان ۽ چغليءَ کان ۽ بي حيائيءَ کان ۽ تهمت لڳائڻ کان ۽ هر قسم جي نافرمانيءَ کان ۽ مون ايمان آندو ۽ مان چوان ٿي تہ الله کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي ۽ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم الله تعاليٰ جو رسول آهي.

# وضوءَ جو بيان

نَحۡمَدُهٗ وَ نُصَلِّي عَلىٰ رَسُوۡلِهِ الۡكَرِيۡمِ اَمَّا بَعۡدُ
فَاَعُوۡذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ . بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

يَاۤ اَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا قُمۡتُمۡ اِلَي الصَّلٰوةِ فَاغۡسِلُوۡا وُجُوۡهَكُمۡ وَ اَيۡدِيَكُمۡ اِلَي الۡمَرَافِقِ وَامۡسَحُوۡا بِرُءُوۡسِكُمۡ وَ اَرۡجُلَكُمۡ اِلَي الۡكَعۡبَيۡنِ

اي ايمان وارو! جڏهن توهان نماز پڙهڻ جو ارادو ڪيو پوءِ پنهنجي منهن کي ۽ ٻانهن کي ڏونئين سميت ڌوئو ۽ مٿي جي مک ڪريو ۽ پيرن کي ٻيڏين سميت ڌوئو.

## وضوءَ جي صحيح ۽ مسنون طريقي جو بيان

جڏهن وضو ڪجي تہ مستحب آهي تہ وضوءِ جو پاڻي ڪنهن نڪر جي ٿانوَ ۾ ڪٽي ڪنهن مٿاهين جاءِ تي ويهي ڪعبة الله شريف ڏي منهن ڪري وضوءَ جي نيت ڪجي. بسم الله العظيم والحمد لله علي دين الاسلام يا بسم الله الرحمان الرحيم پڙهجي. سڄي هٿ سان پاڻي ڪٽي ٻنهي هٿن کي ڪراين تائين ٽي دفعا ڌوئجي. ھر ٻيري سان هٿن جي آڱرين جو خلال ڪجي. سڄي هٿ سان پاڻي ڪٽي هڪڙي گرڙي ڪري مساڳ ڏجي. مساڳ ڪان پوءِ وري بہ گرڙيون ڪري ٽن جو عدد پورو ڪجي. ٽي دفعا نڪ کي پاڻي ڏجي ھر ٻيري سان کٻي هٿ جي چيچ سان نڪ صاف ڪجي. ٻنهي هٿن ۾ پاڻي ڪٽي ٽي دفعا منهن ڌوئجي. منهن ڌوئڻ وقت پيشانيءَ جي طرف ڪان اهڙي نموني سان پاڻي وجهجي جو منهن جي حد ۾ (يعني ڊيگهہ ۾ پيشاني جي وارن ڪان وٺي ڪاڏيءَ جي هيٺين حصي

تائين ۽ ويڪر ۾ هڪڙي ڪن جي پاپڙي ڪان وٺي پٺي ڪن جي پاپڙيءَ تائين) جيئن وار برابر به سڪل جاءِ رهجي نه وڃي. سڄي هٿ ۾ پاڻي ڪٺي پهريائين سڄي ٻانهن پوءِ کٻي ٻانهن کي ڪوٺين سميت تي پيرا ڌوئجي. جيڪڏهن هٿن تي چڱيءَ طرح آلاڻ هجي ته ان ئي آلاڻ سان مٿي، ڪنن ۽ ڪنڌ جي مک ڪجي. ۽ جيڪڏهن آلاڻ نه هجي ته پوءِ نئين سر هٿ آلا ڪري پوءِ مک ڪجي. پيرن ڌوئڻ وقت سڄي هٿ سان پاڻي نائجي ۽ کٻي هٿ سان پهريان سڄو پير پوءِ کٻو پير چڱيءَ طرح مهٽي ڌوئجن. پيرن جي آڱرين جو خلال ڪجي. وضوءَ جي بچيل پاڻيءَ مان ڪجهه بيهي پيئڻ مستحب آهي. آخر ۾ ڪلمه شهادت ۽ هيءَ دعا پڙهجي:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِيْ مِنَ التَّوَّابِيْنَ وَاجْعَلْنِيْ مِنَ الْمُتَطَهِّرِيْنَ وَاجْعَلْنِيْ مِنَ الَّذِيْنَ لَاخَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ

ترجمو: ”اي الله! مون کي توبه ڪندڙ ۽ پاڪائي رکندڙن مان ڪر؛ مون کي انهن مان ڪر جن کي ڪو خوف نه آهي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا.

ان کان پوءِ سورت انا انزلنه پڙهجي.

**فائده:** هي وضوع ڪرڻ جو مسنون طريقو آهي. انهي طريقي ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جن تي عمل ڪرڻ لاءِ قرآن پاڪ ۽ صحيح حديثن ۾ صاف حڪم آيل آهي. انهن تي عمل ڪرڻ فرض آهي، انهن ۾ ذري پر به ڪمي ٿي ته وضو درست نه ٿيندو. انهن کي وضوءَ جا فرض چئبو آهي. سڀ کان پهريان اهي بيان ڪيا ويندا آهن ۽ انهي طريقي ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جن تي عمل ڪرڻ لاءِ حديث پاڪ ۾ تاڪيد آيل آهي ۽ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن پاڻ به هميشه انهن تي عمل ڪندا هئا. انهن تي عمل ڪرڻ کان سواءِ وضو ڪامل نه ٿيندو تهنڪري ثواب به پورو نه ملندو. انهن کي سنت رسول صلي الله عليه وسلم چئبو آهي جن جو بيان وضوءَ جي فرضن کان پوءِ ايندو. وضوءَ جي انهي بيان ڪيل طريقي ۾

ڪي ڳالهيون اهڙيون به آهن جن تي حضور صلي الله عليه وسلم عمل به ڪندا هيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڇڏي به ڏيندا هئا ۽ انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ پاڻ گهڻو تاڪيد به نه فرمائيندا هئا. انهن تي عمل ڪرڻ ۾ گهڻو ثواب آهي پر ڇڏي ڏيڻ ۾ به ڪو گناهه نه آهي. انهن کي مستحب چئبو آهي. سنتن ڪان پوءِ انشاءَ الله تعاليٰ اهي بيان ڪيا ويندا.

ان ڪان سواءِ ڪن سببن جي ڪري وضو ڀڄي پوندو آهي جن کي وضوءَ جا ڀڄندڙ چئبو آهي، تن جو بيان وضوءَ جي مستحبن ڪان پوءِ ايندو ۽ ڪي اهڙا به سبب آهن جن جي ڪري وضو ڀڄندو ته نه آهي پر مڪروه ٿي پوندو آهي. اهي انشاءَ الله وضوءَ جي ڀڄندڙن ڪان پوءِ لکندا سين.

والله المستعان.

## وضوءَ ۾ چار فرض آهن

١. مُنهن ڌوئڻ: مُنهن جي حد ڊيگهه ۾ پيشانيءَ جي وارن ڪان وٺي ڪاڏيءَ جي هيٺين حصي تائين ۽ ويڪر ۾ هڪڙي ڪن جي پاپڙيءَ ڪان وٺي ٻئي ڪن جي پاپڙي تائين آهي.

٢. ٻئي ٻانهون ٺونٺين سميت ڌوئڻ.

٣. چوٿون حصو مٿي جي مک ڪرڻ.

۴. ٻئي پير ڀيڏين سميت ڌوئڻ.

## وضوءَ ۾ تيرهن سنتون آهن

١. نيت ڪرڻ ته پليدي دور ٿئي ۽ پاڪائي حاصل ٿئي.

٢. بسم الله الرحمان الرحيم پڙهڻ.

٣. ٻئي هٿ ڪراين تائين ڌوئڻ.

۴. هٿن جي آڱرين جو خلال ڪرڻ.

٥. مساڳ استعمال ڪرڻ.

٦. گرڙيون ڪرڻ.
٧. نڪ ڪي پاڻي ڏيڻ.
٨. هر عضوي کي ٽي ڀيرا ڌوئڻ.
٩. ترتيب قائم رکڻ. ترتيب مان مراد مسنون طريقو آهي جيڪو اڳ ۾ بيان ٿي آيو آهي.
١٠. عضون کي لڳو لڳ ڌوئڻ( يعني هڪڙي عضوي جي ڌوئڻ کان پوءِ ٻئي عضوي جي ڌوئڻ ۾ ايتري دير نہ ڪري جو پهرين عضوي جي آلاڻ ختم ٿي وڃي).
١١. سموري مٿي جي مک ڪرڻ.
١٢. ڪنن جي مک ڪرڻ.
١٣. پيرن جي آڱرين جو خلال ڪرڻ.

## وضوءَ ۾ اٺويھ مستحب آهن

١. ڪعبة الله شريف ڏي مُنهن ڪري وضو ڪرڻ.
٢. مٿيءَ جي ٿانوَ ۾ وضوءَ جو پاڻي ڪڻڻ.
٣. وضوءَ جو ٿانو ڪاٻي پاسي کان رکڻ.
٤. مٿاهين جاءِ تي ويهي وضو ڪرڻ.
٥. ڪٻي هٿ سان نڪ صاف ڪرڻ.
٦. هر عضوي تي پهريان آلو هٿ ملڻ.
٧. عذر نہ هجي تہ وقت کان اڳ ۾ وضو ڪرڻ.
٨. ويڪري منڊيءَ کي ڦيرائڻ ( ۽ سوڙهي منڊيءَ کي ڦيرائڻ فرض آهي).
٩. هر عضوي جي ڌوئڻ وقت بسم الله ۽ مقرر دعا پڙهڻ.
١٠. عضون جي ڌوئڻ وقت درود شريف پڙهڻ.
١١. ڪنڌ جي مک ڪرڻ.
١٢. عضون جو ڌوئڻ سڄي پاسي کان شروع ڪرڻ.

١۴. وضوءَ جي بچيل پاڻيءَ مان ٿورو بيهي پيئڻ.
١۴. عضون کي مقرر حد کان وڌيڪ ڌوئڻ.
١٥. کٻي هٿ سان ٻنهي پيرن کي ڌوئڻ.
١٦. وضوءَ ۾ ٻئي کان مدد نہ وٺڻ. البتہ معذور کي جائز آهي.
١٧. وضوءَ کان پوءِ سورة انا انزلناه ۽ ڪلمہ شهادة ۽ هيءَ دعا پڙهڻ :

اللهم اجعلني من التوابين و اجعلني من المتطهرين واجعلني من الذين لاخوف عليهم ولا هم يحزنون

١٨. وضو ڪرڻ وقت پاڻيءَ جي قطرن کان ڪپڙن کي بچائڻ.
١٩. عضون کي نرميءَ سان ڌوئڻ.

## وضوءَ جا ڀڃندڙ چوڏهن آهن

١. پائخانہ ۽ پيشاب جي جاءِ مان ڪنهن شيءَ جو نڪرڻ.
٢. جسم جي ڪنهن بہ حصي مان رت يا پونءَ جو اندران نڪري پاڪ جاءِ ڏي وهي هلڻ.
٣. ٽيڪ ڏيئي ننڊ ڪرڻ.
۴. وات ڀريل قي ڪرڻ بلغم کان سواءِ.
٥. رڪوع ۽ سجده واري نماز ۾ بالغ جو ٺهڪ ڏيڻ توڙي جو ويسر ۾ هجي.
٦. چريو يا بيهوش ٿيڻ توڙي جو نشي کان هجي.
٧. مباشرت فاحشہ يعني ٻن مخصوص عضون جو بنا پردي جي پاڻ ۾ ملڻ.
٨. زخم مان ڪيڙي جو رت يا پونءَ سان گڏ نڪرڻ.
٩. چور ۽ وڏي چچڙيءَ جو رت پيئڻ.
١٠. اک، ڪن ۽ نڪ مان بيماريءَ سببان سور سان گڏ پاڻيءَ جو اچڻ.
١١. ٿُڪ ۾ رت جي ڳاڙهاڻ غالب نظر اچڻ.

١٢. موڙن واري ماٺهوءَ جا موڙا نڪرڻ کان پوءِ پاٺهي مٿي چڙهي وڃا ۽ پليدي ظاهر نہ ٿي تہ وضو نہ ٽٽندو جيڪڏهن پليدي ظاهر ٿي يا هٿ يا ڪپڙي سان اندر ڪيائين تہ وضو ٽٽي پوندو.

١٣. وضوءَ ڪان پوءِ زخم تي پٽي ٻڌائين ان پٽيءَ تي رت وغيره جي آلاڻ ظاهر ٿي.

١۴. وضوءَ کان بعد ويٺي ننڊ ڪندي ڪري پوڻ ڪان پوءِ بہ جلدي سجاڳ نہ ٿيڻ. (بهار شريعت)

## وضوءَ جا مڪروه يارهن آهن

١. مُنهن تي زور سان پاڻي هڻڻ.

٢. پاڻي ضرورت کان گهٽ يا وڌ ڪپائڻ.

٣. وضو ڪندي دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ.

۴. نئين پاڻيءَ سان ٽي ڀيرا مڪ ڪرڻ.

۵. پليد جاءِ تي ويهي وضو ڪرڻ.

٦. وضوءَ واري پاڻيءَ ۾ ٿُڪ يا سِنگهہ اڇلائڻ توڙي جو وهندڙ هجي.

٧. کٻي هٿ سان پاڻي کڻي گرڙيون ڪرڻ ۽ نڪ ڪي پاڻي ڏيڻ.

٨. سڄي هٿ سان نڪ صاف ڪرڻ.

١٠. پنهنجي وضو ڪرڻ جي لاءِ خاص ٿانو مقرر ڪرڻ.

١١. سنت جي خلاف وضو ڪرڻ.

# غسل جو بيان

الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايل آهي: "وان كنتم جنبا فاطهروا" جيڪڏهن تڙ جي حالت ۾ هجو ته خوب پاڪ ٿيو يعني غسل ڪريو.

## غسل جي واجب ٿيڻ جا سبب چار آهن

١. جوش سان منيءَ جو نڪرڻ.

٢. مرد سان ملڻ.

٣. حيض کان پاڪ ٿيڻ.

٤. نفاس کان پاڪ ٿيڻ.

## غسل ڪرڻ جو طريقو

سڀ کان پهريان غسل جي نيت ڪجي، پوءِ ڪرائين تائين ٻئي هٿ ڌوئجن، پوءِ دل ۾ بسم الله الرحمان الرحيم پڙهجي. پوءِ استنجا ڪجي، پوءِ پوري بدن تي ڪٿي به پليدي لڳل هجي ان کي ڌوئجي. پوءِ سنت مطابق وضو ڪجي. پوءِ ٽي ڀيرا مٿي تي پاڻي وجهجي. پوءِ ٽي ڀيرا سڄي ڪلهي تي، وري ٽي ڀيرا کٻي ڪلهي تي پاڻي وجهجي. پاڻي وجهڻ کان اڳ ۾ سڄي بدن تي آلو هٿ گهمائجي ۽ هر ڀيري پاڻي وجهڻ وقت اها ڪوشش ڪجي ته جيئن پوري بدن تي چڱي طرح پاڻي پهچي وڃي.

## غسل جا فرض ٽي آهن

١. ڳرڙا ڪرڻ. جيڪڏهن روزو نه هجي ته نڙيءَ جي پاڙ تائين پاڻي پهچائڻ گهرجي.

٢. نڪ کي هڏيءَ تائين پاڻي پهچائڻ.
٣. پوري بدن تي پاڻي وهائڻ.

## غسل جون سنتون ڏهه آهن

١. غسل جي نيت ڪرڻ. جيئن چوي نيت ڪيان ٿي غسل جي تا ته پليدي دور ٿئي ۽ پاڪائي حاصل ٿئي.
٢. ٻنهي هٿن کي ڪراين تائين ڌوئڻ.
٣. بسم الله الرحمان الرحيم پڙهڻ.
٤. شرمگاهه ۽ جسم جي پليد حصن کي ڌوئڻ.
٥. وضو ڪرڻ.
٦. ٽي ڀيرا ساري بدن تي پاڻي وهائڻ.
٧. اگهڙ جي حالت ۾ قبله ڏي مُنهن نه ڪرڻ.
٨. ساري بدن کي مهٽڻ.
٩. اهڙي جاءِ تي وهنجڻ جتي ڀيو ماڻهو نه ڏسي.
١٠. پاڻي پورو ڪپائڻ نه تمام گهٽ ڪپائڻ ۽ نه تمام زياده.

## غسل جي متعلق ضروري مسائل

**مسئلو:** ڏندن يا ڏاڙن جي وٿين يا سوراخن ۾ ڪاڌي جا ذرڙا ڦاٿل هجن ته انهن کي ڪڍي پوءِ گـــرڙا ڪجن. ڪــاڌي جي ذرڙن جي ڪري جيڪڏهن چڱيءَ طرح پاڻي نه پهتو ته پوءِ غسل صحيح نه ٿيندو.

**مسئلو:** غسل ڪرڻ وقت گرڙا ڪرڻ ۽ نڪ کي پاڻي ڏيڻ وسري ويو ته غسل صحيح نه ٿيندو تنهنڪري گرڙا ڪري نڪ کي پاڻي ڏيئي وري نئين سر وهنجي. ۽ جيڪڏهن گرڙا وسري ويا ۽ نڪ کي پاڻي ڏنائين يا گرڙا ڪيــائين پر نڪ کي پاڻي ڏيڻ وســري ويو ته پوءِ نئين ســر وهنجڻ جي ضرورت نه آهي. جيــڪڏهن گرڙا وسري ويا هجن ته گرڙا ڪري ڇڏي، ۽

جيڪڏهن نڪ کي پاڻي ڏيڻ وسري ويو هجي ته نڪ کي پاڻي ڏيئي ڇڏي.
اهڙي طرح جيڪڏهن بدن جو ڪوبه حصو ڌوئڻ کان رهجي ويو هجي ته فقط ان حصي کي ڌوئي ڇڏجي.

**مسئلو:** مٿي جا وار جيڪڏهن ڪليل آهن ته انهن جي وچ ۾ ۽ پاڙن تائين پاڻي پهچائڻ فرض آهي. پر جيڪڏهن وار اهڙي نموني ڳتيل آهن جو هن کي يقين آهي ته کولڻ کان سواءِ ئي وارن جي پاڙ تائين پاڻي پهچي ويندو ته پوءِ تڙ جي غسل لاءِ وارن جو کولڻ ضروري نه آهي ۽ حيض ۽ نفاس کان پاڪ ٿيڻ بعد غسل ڪرڻ وقت ڳتيل وارن جو کولي ڌوئڻ فرض آهي.

**مسئلو:** وارن ۾ ڪنڙو، مهندي يا پي ڪا اهڙي شي لڳل آهي جنهن ڪري وارن جي پاڙن تائين پاڻي نه پهچڻ جو انديشو آهي ته پوءِ غسل ڪرڻ کان اڳ ۾ ان جو لاهڻ ۽ وارن جو کولي ڌوئڻ فرض آهي.

**مسئلو:** غسل ڪرڻ وقت سوڙهين منڊين ڪنن جي والين ۽ نڪ جي ڪوڪي جو چورڻ ضروري آهي ڇو ته منڊين جي هيٺان، نڪ ۽ ڪنن جي سوراخن ۾ پاڻي پهچائڻ فرض آهي.

## تڙ واري لاءِ حڪم

جنهن تي غسل واجب آهي ان کي گهرجي ته وهنجڻ ۾ دير نه ڪري. ابودائود شريف ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهه الڪريم کان روايت آهي ته ان گهر ۾ ملائڪ داخل نه ٿا ٿين جنهن ۾ جاندار جي تصوير، ڪتو ۽ تڙ وارو هوندو.

**مسئلو:** تڙ واري کي (١) مسجد ۾ داخل ٿيڻ (٢) قرآن پاڪ کي هٿ لائڻ (٣) قرآن پاڪ تان ڏسي يا ياد پڙهڻ (۴) قرآن پاڪ جي ڪا آيت يا قرآني تعويذ لکڻ يا هٿ لائڻ منع آهي.

# نماز پڙهڻ جي صحيح ۽ مسنون طريقي جو بيان

نماز شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ نماز جي سيني شرطن کي پورو ڪري (جن کي نماز جا ٻاهريان فرض به چئبو آهي) پوءِ قبله جي طرف منهن ڪري هن طرح بيهي جو ٻنهي پيرن جون آڱريون به پوريءَ طرح قبله جي طرف سڌيون هجن، ٻنهي پيرن جي وچ ۾ ڪو به مفاصلو نه هجي پوءِ جيڪا نماز پڙهڻي هجي دل ۽ زبان سان ان جي نيت ڪري. پوءِ ٻنهي هٿن جون تريون ۽ آڱريون قبله جي سامهون رکي ڪلهن تائين کڻي. پوءِ تڪبير تحريمه يعني الله اڪبر چئي ٻئي هٿ سيني تي رکي ڇڏي. هٿن جي ٻڌڻ وقت سڄو هٿ کٻي هٿ جي پٺيءَ تي صرف رکي ڇڏي ۽ نظر سجده واري جاءِ تي هجي. پوءِ هن طرح ثنا پڙهي

سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَ بِحَمْدِكَ وَ تَبَارَكَ اسْمُكَ وَ تَعَالٰى جَدُّكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيْرُكَ

پاڪ آهين تون اي الله! ۽ مان تنهنجي تعريف ڪيان ٿي.
تنهنجو نالو برڪت وارو آهي ۽ تنهنجي عظمت بلند آهي ۽
توکان سواءِ ٻيو ڪو به معبود نه آهي.

ثنا کان پوءِ ٻهريان آهستي "اعوذ بالله من الشيطان الرجيم" پڙهي (الله جي پناهه وٺان ٿي شيطان مردود کان) پوءِ "بسم الله الرحمان الرحيم" پڙهي (الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿي جيڪو گهڻو مهربان ۽ نهايت رحم وارو آهي) پوءِ سورة فاتحه پڙهي:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ اَلرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ مَالِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ.

سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي. گھڻو مهربان، نهايت رحم وارو آهي. قيامت جي ڏينهن جو مالڪ آهي. اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا اسان کي سڌو رستو ڏيکار. انهن ماڻهن جو رستو جن تي تو انعام ڪيو. نه انهن ماڻهن جو رستو جيڪي تنهنجي غضب ۾ مبتلا ٿيا ۽ نه گمراهن جو.

الحمد شريف پوري ٿيڻ کان پوءِ آهستي آمين چوي. پوءِ آهستي بسم الله الرحمان الرحيم پڙهي ڪا به سورة ملائي. جيئن:

قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ اَللّٰهُ الصَّمَدُ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ

چئو اهو الله هڪ آهي، الله بي نياز آهي نه ڪنهن جو اولاد آهي ۽ نه هن جو ڪو اولاد آهي ۽ نه هن جو ڪو قبيلو آهي.

سورة پوري ڪرڻ کان پوءِ رڪوع ڪري. رڪوع لاءِ نوڙڻ وقت الله اڪبر چوڻ شروع ڪري ۽ رڪوع ۾ پهچڻ سان ختم ڪري. يعني ايترو تڪڙو به نه چوي جو رڪوع ۾ پهچڻ کان اڳ ۾ تڪبير پوري ٿئي ۽ ايتري ڍيل به نه ڪري جو رڪوع ۾ پهچڻ کان پوءِ به تڪبير پوري نه ٿئي. رڪوع ۾ صرف ايترو جهڪي جو هٿ گوڏن تائين پهچي سگهن. رڪوع ۾ هٿن جون آڱريون پاڻ ۾ ملائي رکي ٽيڙڻ جي ضرورت نه آهي.

رڪوع ۾ پهچڻ کان پوءِ ٽيرا ڀيرا سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡعَظِيۡمِ چوي.
رڪوع کان مٿي ٿيڻ وقت سَمِعَ اللهُ لِمَنۡ حَمِدَہٗ چوي ۽ جڏهن پوري طرح سڌي ٿي بيهي تہ رَبَّنَا لَکَ الۡحَمۡدُ چوي. انهي بيهڻ کي قومہ چئبو آهي.
قومہ ڪرڻ واجب آهي، پوءِ الله اڪبر چئي سجده ۾ وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡاَعۡلٰي چوي.

سجده ڪرڻ وقت ٽوئيون زمين تي رکي ڇڏي. ٻئي پير سڄي طرف ڪڍي ڪپي چتڙ تي ويهي پوءِ سجدو ڪري ۽ سجده جي حالت ۾ پير زمين تان نہ ڪٽي. سجده ۾ پيٽ رانن سان ملائي ڇڏي ٻانهون پاسرين سان مليل هجن، تسبيحون پوريون ڪري پوءِ تڪبير چوندي ايتري دير سڌي ٿي ويهي رهي جو پورو جسم قرار وٺي ان کي جلسہ چئبو آهي. جلسہ ڪرڻ واجب آهي. وري الله اڪبر چئي ٻيو سجدو ڪري ان ۾ بہ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا تسبيح پڙهي. ٻئي سجدي مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ ويهڻ جي ضرورت نہ آهي بلڪہ الله اڪبر چوندي ٻي رڪعت لاءِ اٿي بيهي. ٻي رڪعت بہ پهرين رڪعت وانگر ادا ڪري باقي ان ۾ پهرين رڪعت وانگر ثنا ۽ اعوذ نہ پڙهي صرف بسم الله پڙهي الحمد شريف شروع ڪري. جڏهن ٻي رڪعت جي ٻئي سجدي مان فارغ ٿئي تہ پوءِ قعده ۾ ويهي. قعده ۾ ويهڻ وقت ٻئي پير سڄي طرف ڪڍي ڪپي چتڙ تي ويهي رهي. التحيات ۾ هٿن جون آڱريون پاڻ ۾ ملائي رانن تي رکي پوءِ التحيات پڙهجي.

جيڪڏهن ٻن رڪعتن واري نماز آهي تہ التحيات کانپوءِ درود ۽ دعا پڙهي سلام ورائي ۽ جيڪڏهن ٽن يا چئن رڪعتن واري نماز آهي تہ التحيات کان پوءِ ڪجهہ بہ نہ پڙهي جلدي ٽين رڪعت لاءِ اٿي.

**فائده:** فرض جي پوين ٻنهي رڪعتن ۾ صرف بسم الله ۽ الحمد شريف پڙهي، سورت نہ ملائي. باقي ٻيا رڪن رڪوع ۽ سجدا وغيره پهرين رڪعت وانگر ادا ڪري. آخري رڪعت جي ٻئي سجدي کان پوءِ پهرين قعدي وانگر ويهي التحيات پڙهي:

اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوٰةُ وَالطَّيِّبٰتُ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰي عِبَادَ اللّٰهِ الصّٰلِحِيْنَ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط

ترجمہ: سڀ تعريفون ۽ نمازون ۽ پاڪايون الله جي لاءِ آهن. سلام توهان تي اي نبيﷺ ۽ الله تعاليٰ جون رحمتون ۽ برڪتون اسان تي ۽ الله جي نيڪ ٻانهن تي. مان شاهدي ڏيان ٿي تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي ۽ مان شاهدي ڏيان ٿي تہ محمد صلي الله عليه وسلم ان جا ٻانها ۽ رسول آهن.

التحيات کان پوءِ درود شريف پڙهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰي مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰٓي اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰي اِبْرَاهِيْمَ وَ عَلٰي اٰلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ٥ اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰي مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰٓي اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰي اِبْرَاهِيْمَ وَ عَلٰٓي اٰلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ٥

ترجمہ: اي الله رحمت نازل فرماءِ محمد صلي الله عليه وسلم تي ۽ ان جي آل تي جيئن تو رحمت نازل فرمائي ابراهيم عليہ السلام تي ۽ ان جي آل تي بيشڪ تون ساراهيل ۽ بزرگيءَ وارو آهين.

اي الله برڪت نازل فرماءِ محمد صلي الله عليه وسلم تي ۽ ان جي آل تي جيئن تو برڪت نازل فرمائي ابراهيم عليه السلام تي ۽ ان جي آل تي. بيشڪ تون ساراهيل ۽ بزرگيءَ وارو آهين.

ان کان پوءِ کا بہ دعا پڙهي. جيئن:

رَبِّ اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ رَبَّنَا وَ تَقَبَّلْ دُعَآءِ رَبَّنَا اغْفِرْلِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابِ

ترجمہ: اي پالڻهار! مونکي نماز قائم ڪندڙ ڪر ۽ منهنجي اولاد کي بہ. اي اسان جا پالڻهار! ۽ قبول فرماءِ دعا کي. اي اسان جا پالڻهار! مون کي بخش ڪر ۽ منهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي ۽ مؤمنن کي جنهن ڏينهن حساب قائم ٿئي.

دعا پوري ڪرڻ کانپوءِ پهريائين سڄي طرف پوءِ کٻي طرف مُنهن ڦيرائيندي "اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَةُ اللهِ" چوي.

سلام ورائڻ کان پوءِ مختصر دعا گهرجي چو تہ سنتن ۾ تاخير ڪرڻ سان ثواب گهٽجي ٿو.

سنتن مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ هڪ ڀيرو آيت الکرسي، ٣٣ ڀيرا سبحان الله، ٣٣ ڀيرا الحمدلله، ٣٤ ڀيرا الله اکبر پڙهي پوءِ دعا گهري.

آيت الکرسي هي آهي:

اَللّٰهُ لَآ اِلٰـهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّ لَا نَوْمٌ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗ اِلَّا بِاِذْنِهٖ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖ اِلَّا بِمَا شَآءَ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَا يَئُوْدُهٗ حِفْظُهُمَا وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمِ

ترجمہ: الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ڪو ٻيو معبو نہ آهي. هميشه زنده رهڻ وارو آهي. نہ ان کي ننڊ جو جهوٽو ايندو آهي ۽ نہ ننڊ. جو ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جو ڪجهہ زمين ۾ آهي، سڀ ڪجهہ ان جو ئي آهي. ڪير آهي جيڪو ان

جي اجازت کان سواءِ (کنهن جي) سفارش ڪري سگهي؟ جو ڪجھ ماڻهن جي روبرو ٿي رهيو آهي ۽ جو ڪجھ ان کان اڳ ۾ ٿيو آهي ان کي سڀ معلوم آهي ۽ اُهي ان جي معلومات ۾ ڪنهن شيءِ تي پهچ حاصل ڪري نه ٿا سگهن مگر جيتري قدر اهو گهري (اوترو) ڄاڻائي ٿو انجي باد شاهي (۽ علم) آسمانن ۽ زمينن تي حاوي آهي ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿي ٿئي، اهو مٿاهين مرتبي ۽ وڏي قدر وارو آهي.

وتر جي ٽين رڪعت ۾ دعا قنوت پڙهبي آهي، سا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسْتَعِيْنُكَ وَ نَسْتَغْفِرُكَ وَ نُؤْمِنُ بِكَ وَ نَتَوَكَّلُ عَلَيْكَ وَنُثْنِيْ عَلَيْكَ الْخَيْرَ وَ نَشْكُرُكَ وَ لَا نَكْفُرُكَ وَ نَخْلَعُ وَ نَتْرُكُ مَنْ يَّفْجُرُكَ اَللّٰهُمَّ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَلَكَ نُصَلِّيْ وَ نَسْجُدُ وَاِلَيْكَ نَسْعٰي وَ نَحْفِدُ وَ نَرْجُوْا رَحْمَتَكَ وَ نَخْشٰي عَذَابَكَ اِنَّ عَذَابَكَ بِالْكُفَّارِ مُلْحِقٌ ط

ترجمه: اي الله! اسان توکان مدد گهرون ٿا ۽ بخشش گهرون ٿا ۽ توتي ايمان آڻيون ٿا ۽ توتي توڪل ڪريون ٿا ۽ هر ڀلائيءَ سان تنهنجي تعريف ڪيون ٿا ، ۽ ناشڪري نه ٿا ڪريون۽ اسان جدا ٿيون ٿا ۽ ان شخص کي ڇڏيون ٿا جيڪو تنهنجي نافرماني ڪري ٿو. اي الله! اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ تنهنجي لاءِ ئي نماز پڙهون ٿا ۽ سجدو ڪريون ٿا ۽ تنهنجي طرف ئي ڊوڙون ٿا ۽ ڪوشش ڪريون ٿا ۽ تنهنجي رحمت جا اميدوار آهيون ۽ تنهنجي عذاب کان ڊڄون ٿا. بيشڪ تنهنجو عذاب ڪافرن کي پهچڻ وارو آهي.

**فائده:** رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ **جھڙي** طرح تراويحون مردن جي لاءِ سنت مؤڪده آهن تيئن عورتن جي **لاءِ به آهن.** تراويحن جي هر چئن رڪعتن ڪان پوءِ ويهي هيءَ تسبيح پڙهبي آهي:

**سُبْحَانَ ذِي الْمُلْكِ وَالْمَلَكُوْتِ سُبْحَانَ ذِي الْعِزَّةِ وَالْعَظْمَةِ وَالْهَيْبَةِ وَالْقُدْرَةِ وَالْكِبْرِيَآءِ وَالْجَبَرُوْتِ سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْحَيِّ الَّذِيْ لَايَنَامُ وَلَايَمُوْتُ سُبُّوْحٌ قُدُّوْسٌ رَبُّنَا وَرَبُّ الْمَلٰٓئِكَةِ وَالرُّوْحِ اَللّٰهُمَّ اَجِرْنَا مِنَ النَّارِ يَا مُجِيْرُ يَا مُجِيْرُ يَا مُجِيْرُ**

ترجمہ: پاڪ آهي اهو زمينن جي **بادشاهي** ۽ آسمانن جي بادشاهي وارو، پاڪ آهي اهو عزت، **بزرگي** ۽ هيبت ۽ قدرت ۽ وڏائي ۽ دٻدٻي وارو، پاڪ **آهي بادشاهه** (حقيقي) زنده جيڪو ننڊ نه ٿو ڪري ۽ نه مرندو **گهڻو** پاڪ آهي. گهڻو مقدس اسان جو پالڻهار ۽ فرشتن ۽ روح جو پروردگار. اي الله! اسان کي دوزخ ڪان **پناهه** ڏي. اي پناهه ڏيندڙ! اي پناهه ڏيندڙ! اي پناهه ڏيندڙ

**فائده:** نماز پڙهڻ جو صحيح ۽ مسنون **طريقو** جيڪو بيان ڪيو ويو آهي انهي طريقي ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون **آهن** جن تي عمل ڪرڻ لاءِ قرآن پاڪ ۽ صحيح حديثن ۾ صاف حڪم **آيل آهي.** انهن تي عمل ڪرڻ فرض آهي. انهن ۾ ذري برابر به ڪمي ٿي ته **نماز نه ٿيندي. اهڙا فرض** نماز ۾ تيرهن آهن. سڀ ڪان پهريان انهن جو بيان **لکندا سين** ۽ انهيءَ طريقي ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جن کي جاڻي واڻي **ڇڏڻ سان** نماز نه ٿندي ۽ ڀل ۾ رهجي وڃڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن سهو جو **سجدو** ڏنائين ته نماز ٿي ويندي. انهن کي **نماز جا واجب** چئبو آهي. **تن** جو بيان نماز جي فرضن

كـان پوءِ ايندو. ۽ **انهي طريقي** ۾ ڪي ڳـالهـيـون اهڙيون آهن جن تي پاڻ ڪريم صلي الله **عليه وسلم** هميشه عمل ڪندا هئا ۽ انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ تاڪيد به **فرمائيندا هئا**. انهن کي **سنت مؤڪده** چئبو آهي. انهن تي عـمل ڪرڻ ڪـان **سـواءِ نماز** ڪامل نه ٿـيندي تنهن ڪري ثواب به پورو نـه ملندو. انهن جو **بيان نماز** جي واجبن ڪان پوءِ ايندو. ۽ انهي طريقي ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون **آهن جن تي** پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن عمل به ڪندا هئا ۽ **ڪڏهن ڪڏهن** ڇڏي به ڏيندا هئا. انهن تي عمل ڪرڻ ۾ گهڻو ثواب آهي ۽ ڇڏي **ڏيڻ ۾** گناهه به نه آهي. تن کي نماز جا **مستحب يا سنت غير مؤڪده** چئبو **آهي**. انهن جو بيان انشاءَ الله نماز جي سنتن ڪان پوءِ ايندو. ان ڪان سواءِ **ڪي اهڙا** به سبب آهن جن جي ڪري نماز ڀڄي پوندي آهي تن کي **نماز جا ڀڃندڙ** چئبو آهي. مستحبن ڪان پوءِ اهي بيان ٿيندا ، ۽ ڪي اهڙا به سـبب **آهن جن جي** ڪري نماز ڀـڃندي تـه نـه آهي پر ناقص ٿي پوندي آهي تن کي **نماز جا مڪروه** چئبو آهي. سڀ ڪان آخر ۾ اهي بيان ٿيندا. انشاءَ الله **تعاليٰ. وما** توفيقي الا بالله.

## نماز جا فرض

**فائده:** نماز **جـا ڪل** تيـرنهن فـرض آهن، تن مـان ست اهي آهن جيڪي نماز جي **شروع** ڪرڻ ڪـان اڳ ۾ پورا ڪرڻ ضروري آهن، تن کي نماز جا شرط چئبو **آهي** ۽ باقي ڇهه فرض آهي آهن جيڪي نماز جي شروع ڪرڻ ڪان وني **نماز** جي پوري ٿيڻ تائين پورا ڪبا آهن، تن کي نماز جا رڪن چئبو آهي.

## نماز جا ست شرط هي آهن

١. بدن پاڪ ڪرڻ. **يعني** حقيقي ۽ حڪمي پليديءَ ڪان بدن کي پاڪ رکڻ. حقيقي جو مطلب **آهي** ظاهري پليدي ۽ حڪمي جو مطلب آهي بي

وضو ٿيڻ يا غسل جي ضرورت پوڻ.

٢. ڪپڙا پاڪ رکڻ: يعني ظاهري پليديءَ کان.

٣. اوگهڙ ڍڪڻ: اوگهڙ جي حد آهي دن کان وٺي گوڏن تائين. پر نماز جي حالت ۾ عورتن کي هٿن، پيرن ۽ مُنهن کان سواءِ سمورو بدن ۽ مٿي جا وار بہ ڍڪڻ ضروري آهن. (نوٽ: عورت جي مٿي جا لڙڪندڙ وار چوٿين حصي برابر ظاهر هوندا تہ نماز نہ ٿيندي).

۴. نماز جي جاءِ پاڪ رکڻ: يعني نماز جو مصلو.

۵. وقت جي اندر نماز پڙهڻ: يعني هر نماز جي لاءِ جيڪو وقت مقرر آهي ان وقت جي اندر نماز پڙهڻ، اڳي يا پوءِ پڙهڻ سان نماز نہ ٿيندي.

٦. قبلي ڏي مُنهن ڪرڻ: جيڪڏهن ڪنهن اڻ واقف جاءِ تي نماز پڙهڻ جو اتفاق ٿئي تہ اتان جي ماڻهن کان قبلي جو طرف پڇي پوءِ نماز پڙهي.

٧. نيت ڪرڻ: نماز جي نيت هر ڪو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪري سگهي ٿو. مثلاً نيت ڪئي مون تہ نماز پڙهان ٿي الله تعالىٰ جي لاءِ ٻہ رڪعتون فرض نماز فجر منهن طرف ڪعبة الله شريف جي.

## نماز جي رڪنن جو بيان

فائده: نماز جي شروع ڪرڻ کان پوءِ جيڪي فرض پورا ڪرڻ لازمي آهن انهن کي نماز جا رڪن چئبو آهي. نماز فرض هجي يا واجب يا سنت يا نفل اهي رڪن سڀني ۾ هڪ جهڙا فرض آهن سواءِ قيام جي جيڪو نفل ۾ فرض نہ آهي.

## نماز جا ڇهہ رڪن هي آهن:

١. تڪبير تحريمہ: تڪبير تحريمہ قيام جي حالت ۾ چوڻ فرض آهي. جيڪڏهن ويهي نماز پڙهڻ لاءِ ڪو عذر آهي، تہ پوءِ ويهي پڙهي پر جيڪڏهن تڪبير تحريمہ جيترو ٿورو وقت بہ قيام ڪرڻ جي طاقت

آهي تہ پوءِ ان لاءِ ضروري آهي تہ قيام جي حالت ۾ تڪبير چئي پوءِ پلي پوري نماز ويهي پڙهي.

٢. قيام: يعني نفل کان سواءِ سڀئي نمازون بيهي پڙهڻ فرض آهن. ٻهراڙي ۾ ڪي عورتون ويهي نماز پڙهن ٿيون. هي مسئلي کان ناواقفيت جو نتيجو آهي. بيهي نماز پڙهڻ جيئن مردن تي فرض آهي، تيئن عورتن تي بہ فرض آهي.

٣. قرئت ڪرڻ: يعني قرآن پاڪ پڙهڻ. جيئن الحمد شريف ۽ ٻي ڪا بہ سورت.

٤. رڪوع ڪرڻ: رڪوع ۾ ايترو جهڪڻ ضروري آهي جو گوڏن تائين هٿ پهچي وڃن.

٥. ٻہ سجدا ڪرڻ: هر رڪعت ۾ ٻہ سجدا ڪرڻ فرض آهن. جيڪڏهن پل ۾ هڪ سجدو ڏنائين تہ نماز نہ ٿيندي ۽ اها نماز موٽائڻي پوندي.

٦. پوئين قعدي ۾ ويهڻ: يعني آخري قعدي ۾ ايترو وقت ويهڻ فرض آهي، جيتري ۾ پوري التحيات...... عبدهُ و رسوله تائين پڙهي سگهجي.

## نماز جا واجب

**فائدہ:** معلوم هئڻ گهرجي تہ نماز جي واجبن مان ڪو بہ واجب جيڪڏهن جاٽي واڻي ڇڏي ڏنائين تہ سجدي سهو جي ادا ڪرڻ سان نماز صحيح نہ ٿيندي پر اها نماز موٽائڻي پوندي ۽ جيڪڏهن پل ۾ ڪو واجب رهجي ويو تہ سجدي سهو جي ادا ڪرڻ سان نماز ٿي ويندي.

## نماز جا واجب هي آهن

١. فرض نماز جون پهريون ٻہ رڪعتون قرائت لاءِ مقرر ڪرڻ.

**مسئلہ:** هڪ وڏي آيت يا ٽن ننڍين آيتن جي برابر قرائت ڪرڻ

فرض آهي. انهي فرضي قرائت جو پهرين ٻنهي رڪعتن ۾ ادا ڪرڻ واجب آهي. جيڪڏهن پهرين ٻنهي رڪعتن ۾ پلجي قرائت نہ ڪيائين ۽ پوين ۾ ڪيائين يا هڪ پهرين ۾ ۽ هڪ پوئين رڪعت ۾ قرائت ڪيائين تہ سهو جو سجدو واجب ٿيندو.

٢. فرض نماز جي پهرين ٻن رڪعتن ۾ الحمد شريف پڙهڻ.

٣. الحمد شريف هڪ ڀيرو پڙهڻ.

٤. الحمد شريف سورة کان اڳ ۾ پڙهڻ.

٥. فرض نماز جي پهرين ٻن رڪعتن، واجب، سنت ۽ نفل جي سڀني رڪعتن ۾ الحمد شريف سان سورة ملائڻ.

٦. قومہ: يعني رڪوع ڪرڻ کانپوءِ سڌو ٿي بيهڻ.

٧. جلسہ: يعني ٻنهي سجدن جي وچ ۾ سڌو ٿي ويهڻ.

٨. تعديل ارڪان: يعني نماز جي رڪعتن کي ادا ڪرڻ وقت بدن کي آرام وٺائڻ.

٩. رڪنن کي ترتيب سان ادا ڪرڻ: (هن جي وضاحت ڪتاب برڪات نماز ۾ ڏسجي).

١٠. پهريون قعدو ڪرڻ.

١١. ٻنهي قعدن ۾ التحيات پڙهڻ.

١٢. رات جي نماز هجي يا ڏينهن جي سڀني ۾ آهستي قرائت ڪرڻ.

١٣. دعا قنوت جي تڪبير چوڻ.

١٤. دعا قنوت پڙهڻ.

١٥. تلاوت جو سجدو ڪرڻ (جيڪڏهن سجده تلاوت واري آيت پڙهي هجي)

١٦. السلام عليڪم جي لفظ سان نماز مان نڪرڻ.

١٧. تشريق جون تڪبيرون چوڻ. ٩ ذوالحج جي فجر نماز کان وٺي ١٣ ذوالحج جي ٽيپهري نماز تائين هر فرض نماز کانپوءِ تڪبيرون چوڻيون آهن. تشريق جي تڪبير هيءَ آهي. الله اڪبر الله اڪبر لا الـہ الاالله

والله اكبر الله اكبر ولله الحمد

## نماز جون سنتون

١. تڪبير تحريم وقت ٻئي هٿ ڪلهن تائين کڻڻ.
٢. تڪبير تحريم چوڻ وقت ٻئي هٿ قبلہ جي سامهون رکڻ.
٣. تڪبير تحريم کان بعد سيني تي هٿ ٻڌڻ. يعني سڄو هٿ کٻي هٿ جي پٺيءَ تي صرف رکي ڇڏي.
۴. سبحانک اللهم اعوذ بالله بسم الله ۽ الحمد شريف جي پوري ٿيڻ کان پوءِ آمين آهستي چوڻ.
۵. فرض جي پوين ٻنهي رڪعتن ۾ صرف الحمد شريف پڙهڻ.
٦. مسنون طريقي سان قرائت ڪرڻ.
٧. رڪوع ۽ سجده ڏي وڃڻ ۽ سجده کان مٿي ٿيڻ ۽ رڪعت لاءِ اٿڻ وقت الله اڪبر چوڻ.
٨. رڪوع ۾ ٽي ڀيرا سبحان ربي العظيم چوڻ.
٩. رڪوع ۾ هٿن جون آڱريون پاڻ ۾ ملائي گوڏن تي رکڻ، يعني مردن وانگر آڱرين کي ٽيڙي مضبوطيءَ سان جهلڻ جي ضرورت نہ آهي.
١٠. رڪوع کان مٿي ٿيڻ وقت سمع الله لمن حمده ربنالک الحمد چوڻ.
١١. سجده ۾ ٽي ڀيرا سبحان ربي الاعلىٰ چوڻ.
١٢. جلسہ ۽ التحيات ۾ ٻئي پير سڄي طرف ڪڍي کٻي چيلهہ تي ويهڻ.
١٣. التحيات پڙهڻ وقت هٿن جون آڱريون پاڻ ۾ ملائي رانن تي رکي ڇڏڻ.
١۴. آخري قعده ۾ پهريان درود ۽ پوءِ دعا پڙهڻ.
١۵. پهرين سلام وقت سڄي طرف ۽ ٻئي سلام وقت کٻي طرف منهن ڦيرائڻ.
١٦. سلام هنن لفظن سان چوڻ السلام عليڪم و رحمة الله.

**فائده:** نماز جي سنتن مان ڪا به سنت غلطيءَ ۾ رهجي وئي ته نه ان جي ڪري نماز ڀڄندي، ۽ نه سهو جو سجدو واجب ٿيندو. ۽ نه گنهگار ٿيندي پر بهتر آهي ته ان نماز کي موٽائي ۽ ڄاڻي واڻي سنت ڇڏڻ سان به نه نماز ڀڄندي ۽ نه سهو جو سجدو واجب ٿيندو پر ملامت جو مستحق ۽ گنهگار ٿيندي ۽ سنت کي حقارت جي نظر سان ڇڏي ڏيڻ ڪفر آهي ( درالمختار ).

## نماز جا مستحب

١. تڪبير تحريمه وقت سردي وغيره جو عذر هجي يا نه هر حالت ۾ چادر يا رئي جي اندران هٿ مٿي ڪٽي، ٻاهر نه ڪڍي.
٢. قيام ۽ رڪوع ۾ ٻئي پير ملائي بيهڻ پيرن جي وچ ۾ ڪا به وٿي نه هجي.
٣. رڪوع ۽ سجده ۾ ٽن تسبيحن کان زياده پڙهڻ.
۴. قيام جي وقت سجده جي جاءِ تي، رڪوع ۾ پيرن جي پٺيءَ تي ۽ سجده ۾ نڪ جي چوٽيءَ تي قعده ۾ ٿلب يا جهوليءَ تي نظر رکڻ.
۵. اوٻاسيءَ کي روڪڻ.
٦. کنگهه کي جيترو ٿي سگهي روڪڻ.

## نماز جا ڀڃندڙ ٻن قسمن جا آهن:

١. قولي يعني ڳالهائڻ يا ڪو به آواز نماز ۾ ڪرڻ.
٢. فعلي يعني ڪو به ڪم هٿن پيرن ۽ ٻين عضون سان ڪرڻ.

## قولي ڀڃندڙ هي آهن:

١. گفتگو ڄاڻي واڻي، ڀل يا ويسر ۾ ڪرڻ.
٢. ڪنهن به تڪليف ڪان آه، اوه، اف وغيره چوڻ.
٣. قرآن شريف تان ڏسي پڙهڻ.

۴. قرآن شريف غلط پڙهڻ.
۵. درد ۽ مصيبت کان روئڻ.
٦. نماز ۾ بالغ جو ٿڪ ڏيڻ.
٧. عذر کان سواءِ کنگهڪارڻ.

## نماز جا فعلي ڦِندڙ هي آهن:

١. عمل ڪثير يعني ٻنهي هٿن سان ڪم ڪرڻ يا هڪ هٿ سان هڪ رڪن ۾ ٽي ڀيرا ڪو به ڪم ڪرڻ.
٢. ڄاڻي واڻي يا ڀُل ۾ کائڻ.
٣. عذر کان سواءِ قبلي کان سينو ڦيرائڻ.
۴. ٻن صفن جيترو انداز هڪدم اڳتي يا پوئتي هلڻ.
۵. ٽن ڪلمن جو انداز لکڻ.
٦. صبح جي نماز ۾ سج جو نڪرڻ.
٧. ٻنهي پيرن جو سجدي جي حالت ۾ زمين کان مٿي ڪڄڻ.
٨. اشارن واري جو رڪوع ۽ سجده تي قادر ٿيڻ.
٩. ناپاڪ جاءِ تي سجدو ڏيڻ.
١٠. نماز پڙهندي پهي يا پٽيءَ جو ڦٽ ڇٽڻ کان پوءِ ڪري پوڻ.
١١. اوگهڙ جي حد ۾ ڪنهن به عضوي جو چوٿون حصو کلڻ،
١٢. نماز ۾غير نمازيءَ جو چيو مڃڻ.

## نماز جا مڪروهات

١. عذر کان سواءِ سجده واري جاءِ تان ڪک يا پٿريون هٽائڻ.
٢. ڪپڙي کي مٽي ڪري مٽيءَ کان بچائڻ.
٣. بي فائده ڪم ڪرڻ جيئن نماز پڙهندي ڪپڙي يا واچ وغيره سان راند ڪرڻ.
۴. اهڙي شي وات ۾ رکڻ جنهن ڪري قرائت واجب ادا ٿي نه سگهي.

٥. آڱرين مان ٽڪاءَ ڪڍڻ.

٦. آڱرين ۾ منڊا وجهڻ.

٧. نماز ۾ ڏاڪ تي هٿ رکڻ.

٨. هيڏي هوڏي نهارڻ.

٩. ڪتي وانگر ويهڻ.

١٠. ڪنهن ماڻهوءَ جي منهن سامهون نماز پڙهڻ.

١١. نماز ۾ اهڙو ڪپڙو پائڻ جنهن ۾ جاندار جي تصوير هجي.

١٢. اهڙي جاءِ تي نماز پڙهڻ جنهن جي ڪبي، سڄي، اڳيان يا پويان مٿان يا سجده واري جاءِ تي جاندار جي تصوير هجي.

١٣. رڪوع، سجده، قومه ۽ جلسه ۾ آرام ڪي ڇڏڻ.

١٤. پائخانه يا پيشاب جهلي نماز پڙهڻ.

١٥. ماڻهن جي لنگهڻ واري جاءِ تي بغير ستره جي نماز پڙهڻ.

# تعليم النساء

## حِصّو ٻيو

مشتمل برمسائل حيض، نفاس، استحاض
واحکام ميت

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# حيض، نفاس ۽ استحاضي جو بيان

الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو:

وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْمَحِيْضِ قُلْ هُوَ اَذًي فَاعْتَزِلُوا النِّسَآءَ فِي الْمَحِيْضِ وَلَا تَقْرَبُوْهُنَّ حَتّٰي يَطْهُرْنَ فَاِذَا تَطَهَّرْنَ فَاْتُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ اَمَرَكُمُ اللّٰهُ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَ يُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ (البقرة ع ٢٨ آيت ٢٢٢)

ترجمہ: ۽ توهان کان حيض جو حڪم پڇن ٿا اوهان فرمايو تہ اها پليتي آهي. سو حيض جي ڏينهن ۾ عورتن کان الڳ رهو. انهن سان قربت نہ ڪريو، جيستائين پاڪ نہ ٿين پوءِ جڏهن پاڪ ٿين تہ انهن وٽ وڃو جتان الله اوهان کي حڪم ڏنو آهي. بيشڪ الله توبه ڪندڙن کي گهڻو پسند ڪري ٿو ۽ پاڪائي ڪندڙن کي پسند فرمائي ٿو.

**شان نزول:** عرب ۾ رهڻ وارا مشرڪ بہ يهودين ۽ مجوسين وانگر حيض جي حالت ۾ عورتن کان گهڻي نفرت ڪندا هئا. انهن ڏينهن ۾ انهن کان صفا تعلق ڇني ڇڏيندا هئا. انهن سان اٿڻ، ويهڻ، کائڻ پيئڻ، انهن جي هٿ جو تيار ڪيل کاڌو کائڻ حتيٰ ڪہ انهن جي طرف ڏسڻ ۽ انهن سان ڳالهائڻ کي بہ حرام سمجهندا هئا. جڏهن تہ نصارن جو رويو وري انهن جي بلڪل برعڪس هوندو هيو. يعني انهن ڏينهن ۾ نصارا پنهنجن عورتن سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا ۽ تمام وڏي چاهہ سان ساڻن ميل جول رکندا هئا ۽ ساڻن قربت ڪندا هئا.

جڏهن مسلمانن حضور ﷺ جن کان حيض جو حڪم معلوم

ڪيو تہ ان وقت مٿين آيت مبارڪ نازل ٿي جنهن ۾ نصارن وانگر "افراط" (حد کان زياده محبت) ۽ يهودين ۽ مجوسين وانگر "تفريط" (حد کان وڌيڪ نفرت) ڪرڻ کان منع ڪندي وچولي واٽ جي تعليم ڏني وئي تہ حيض جي حالت ۾ عورتن سان قربت نہ ڪريو ڇو تہ حيض گندگي آهي، ان سان بيماري پيدا ٿيڻ جو وڏو امڪان آهي. پري رهڻ ۾ زال ۽ مڙس لاءِ ڀلائي ۽ بهتري آهي. باقي گڏ کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ ۽ ان کان سواءِ اهي سڀ تعلقات درست آهن جنهن ۾ عورت جي دن کان وٺي گوڏن تائين جسم کي مرد جو ڪو بہ عضوو نہ لڳي. (ترجمہ ڪنز الايمان ، حاشيہ خزائن العرفان ص – ۴۴)

**حديث:** صحيح مسلم ۾ ام المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ حيض جي حالت ۾ جنهن ٿانوَ ۾ مان پاڻي پيئندي هيس حضور ﷺ جن ساڳي ٿانوَ مان ان جاءِ تان منهنجي اوبر پيئندا هئا جتان اگ ۾ مون پيتو هيو ۽ انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن مان گوشت کائيندي هيس تہ رسول ﷺ جن اهائي ٻوٽي مون کان وٺي ان جاءِ تان کائيندا هئا جتان ٻهريان مون کاڌو هيو. (انوار هدايت جلد اول ص ۳۵)

**فائده:** حضور ﷺ جن جو هي فعل مبارڪ هڪ تہ نصارن جي مخالفت جي ڪري هيو ۽ ٻيو تہ حضور ﷺ جن جي ام المؤمنين سان بي انتها محبت هئي جنهن جو اظهار پاڻ انهيءَ انداز ۾ فرمائيندا هئا. (ايضاً)

**تنبيهہ:** هن وقت بہ ڪي مسلمان جهالت جي ڪري يهودين وانگر حيض ۽ نفاس واري عورت کان نفرت ڪندا آهن. بالخصوص نفاس واري عورت کان چاليهن ڏينهن تائين ايتري قدر پري رهندا آهن جو نہ ان جي هٿ جو تيار ڪيل کاڌو کائيندا آهن ۽ نہ ان ٿانوَ کي هٿ لائيندا آهن. جنهن کي نفاس واري عورت استعمال ڪيو هوندو ۽ نہ اُن نئين ڄاول معصوم ٻار کي شفقت ڪندي ڪٽندا آهن پوءِ چاهي اهو پنهنجو ئي ٻچڙو ڇو نہ هجي ۽ ان جو

سبب هي ٻڌائيندا آهن تہ مون کي رک (پرهيز) آهي مون کي فلاڻي پير سائينءَ يا فقيير سائين منع ڪئي آهي. جيڪڏهن مان اها پرهيز نہ ڪندس تہ وري بيمار ٿي پوندس وغيره.

حالانڪہ نفاس واري عورت جي متعلق حضور اڪرم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ: "نفاس جي حالت ۾ جيڪڏهن عورت فوت ٿي وڃي ٿي تہ ان کي شهادت جو درجو ملي ٿو". سوچڻ جو مقام آهي جو الله تعاليٰ تہ ان عورت کي فوت ٿيڻ جي صورت ۾ شهادت جو درجو عطا فرمائي ٿو ۽ وري مسلمانن جو هي حال آهي جو غير مسلمن جي ريتن ۽ رسمن کان متاثر ٿي ۽ جاهل پيرن فقيرن جون ڳالهيون ٻڌي ايتري قدر وهمن ۾ مبتلا ٿين ٿا جو ان ويچاري عورت کي حقارت جي نظر سان ڏسن ٿا. اها ڪيڏي نہ بي انصافي آهي؟

۽ ٻيا وري جهنگلي پوش ۽ جٽ يا بظاهر خوش پوش لکيل پڙهيل پر نفس جا پوڄاري نالي جا مسلمان اهڙا بہ آهن جو انهي غلاظت جي حالت ۾ بہ نصارن وارو رويو اختيار ڪندا آهن.

حالانڪہ حضور ﷺ جن ارشاد فرمايو: "جيڪو شخص حيض واريءَ عورت سان قربت ڪري ٿو يا عورت سان غير فطري عمل ڪري ٿو يا ڪاهن (پوپي) وٽ (آئنده جون خبرون معلوم ڪرڻ لاءِ) وڃي ٿو تہ پوءِ هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ئي نہ آهي تہ اُن شخص ان دين جو ڪفر ڪيو جيڪو محمد ﷺ وسلم تي لاٿو ويو". (انوار هدايت ص – ٣٧ بروايت مشڪواة شريف، ترمذي، ابن ماجہ ۽ دارمي)

شروع ۾ بيان ٿيل آيت ڪريمہ ۾ واضح طور حيض جي حالت ۾ عورت سان قربت جي منع ٿيل آهي، پر جيڪڏهن ڪو نادان ان خدائي حڪم جي پرواهہ نہ ڪندي ان قبيح فعل کي حلال سمجهندي ان جو مرتڪب ٿئي ٿو تہ ان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ اهو اسلام جي دائري مان نڪري ڪافر ٿي وڃي ٿو. جو تہ هن لاپرواهي جو مظاهرو ڪندي قرآن

پاڪ جي حڪم جي خلاف ورزي ڪئي ۽ جيڪڏهن ڪو شخص حرام سمجهندي اهو ڪم ڪري ٿو تہ اهو ڪفر ۾ تہ نہ ٿو پوي پر ڪبيره گناهہ جو مرتڪب ٿئي ٿو ۽ ان تي شرعي ڪفارو بہ لازم ٿئي ٿو، جنهن جو تفصيل هن طرح آهي:

جيڪڏهن ان وقت خون جو رنگ ڳاڙهو هيو تہ ساڍا چار ماسا سون يا ان جي قيمت ڪنهن مسڪين کي ڏئي ۽ جيڪڏهن ان وقت خون جو رنگ ڦڪو يا ڪو ٻيو رنگ هيو تہ پوءِ سوا بہ ماسا سون يا ان جي قيمت خيرات ڪري (رڪن الدين ص - ١٨)

تنبيهہ: جيئن فصل جي پيلجڻ جو غالب گمان هوندو آهي تہ پنهنجي مـال کي فـصل جي ويجـهـو وڃڻ ئي نہ ڏبو آهي، اهڙي طرح جيڪڏهن پنهنجي نفس تي ڪنٽرول ڪرڻ جو ڀروسو نہ هجي تہ پوءِ ان کي ايتري ڀر (رعايت) ڇو ڏجي جو ڏندڻ ڏوهن تائين وڃي ڳالهہ پهچي.

انسان خطا جو پتلو آهي اهڙي غلطي سرزد ٿيڻ کان پوءِ الله تعالىٰ جو ڪو خاص نيڪ ٻانهو ئي هوندو جيڪو خدا تعالىٰ جو خوف دل ۾ رکي ڪري شريعت مطهره طرفان رکيل ڏنڊ ۽ ڏوهہ ڀري پوءِ الله جي دربار ۾ استغفار ڪري ورنہ دين کان دوري ۽ نفس پرستيءَ جو حال ڏسي ٻانئجي ٿو تہ ڏنڊ ۽ ڏوهہ ڀرڻ تہ نهيو پر پنهنجي غلطيءَ کي غلطي سمجهي ڪري صرف استعفار ڪرڻ جي بہ شايد خدا تعالىٰ ڪنهن کي توفيق ڏئي ڇو تہ نہ ڏسڻ وارو ۽ نہ ڏانهڻ وارو.

پر حقيقت هي آهي تہ الله تعالىٰ پنهنجن ٻانهن لاءِ جيڪي حدون مقرر فرمايون آهن انهن تي قائم رهڻ ۾ ٻانهي جو ئي فائدو آهي ۽ انهن جي ٽوڙڻ ۾ ٻانهي جو ئي نقصان آهي. شال الله تعالىٰ مسلمانن کي حدود الله تي قائم رهڻ جي توفيق عطا فرمائي (آمين). مؤلف

# حيض ۽ استحاضہ جو بيان

حيض جي حڪمت: بالغ عورت جي بدن ۾ فطرتاً ضرورت کان ڪجھہ زياده خون پيدا ٿئي ٿو جو حمل جي حالت ۾ اهو خون ٻار جي غذا ۾ ڪم اچي ٿو ۽ ٻار جي کير پيئڻ جي زماني ۾ اهوئي خون کير ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن قدرت جي طرفان اهو انتظام ٿيل نہ هجي ها تہ حمل ۽ کير پيئڻ جي زماني ۾ ٻار جو گذارو ڪيئن ٿئي ها؟ اهوئي سبب آهي جو حمل ۽ کير پيارڻ جي ابتدائي ڏينهن ۾ خون نہ ايندو آهي ۽ جنهن زماني ۾ نہ حمل هوندو آهي ۽ نہ پير پيارڻو هوندو آهي. ان وقت جيڪڏهن اهو خون بدن مان نہ نڪري تہ قسمين قسمين بيماريون پيدا ٿي وڃن (بهار شريعت حصہ دوم ص – ۲۴)

## مسائل حيض:

**مسئلہ:** گهٽ ۾ گهٽ حيض جي مدت ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون آهن ۽ وڌ ۾ وڌ ڏھہ ڏينهن ۽ ڏھہ راتيون آهن. ڪنهن کي ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين کان گهٽ خون آيو تہ هو حيض نہ آهي بلڪہ استحاضہ آهي، جو ڪنهن بيماري وغيره جي ڪري ظاهر ٿيو آهي ۽ جيڪڏهن ڏهن ڏينهن ۽ ڏهن راتين کان وڌيڪ خون آيو جيترا ڏينهن ڏهن کان وڌيڪ آيو آهي اهو سڀ استحاضہ آهي. (بهشتي زيور حصہ دوم ص – ۵٦)

**مسئلہ:** جيڪڏهن ٽي ڏينهن تہ پورا ٿي ويا پر ٽي راتيون پوريون نہ ٿيون تہ اهو بہ استحاضہ آهي (جيئن جمع جي صبح سان خون شروع ٿيو ۽ آچر جي شام مغرب نماز کان پوءِ بند ٿي ويو. هن مثال ۾ ٽي ڏينهن تہ پورا ٿي ويا مگر راتيون بہ ٿيون تنهنڪري اهو خون حيض جو نہ، پر استحاضہ جو سمجهيو ويندو).

ٽن ڏينهن ۽ ٽي راتين کان ٿورو به وقت گهٽ هوندو ته اهو خون حيض جو نه، بلڪ استحاضه جو سمجهيو ويندو (جيئن جمع جي سج اڀرڻ وقت خون آيو ۽ سومر جي سج اڀرڻ کان ٿورو اڳ ۾ بند ٿي ويو. هن مثال ۾ ٽي ڏينهن ته پورا ٿي ويا پر ٽن راتين مان ٿورو وقت گهٽ ٿي پيو تنهنڪري اهو خون حيض جو نه پر استحاضه جو سمجهيو ويندو). (ايضاً)

**قابل توجهه هڪ اهم مسئلو:** ڏينهن ۽ راتين جي اعتبار سان حيض جي گهٽ ۾ گهٽ مدت يعني ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين جو صحيح حساب تڏهن بيهندو جڏهن سج اڀرڻ يا سج لهڻ مهل خون شروع ٿئي ۽ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون جاري رهڻ کان پوءِ وري ساڳي ٽائيم تي بند ٿي وڃي. (مثلاً جمع جي سج اڀرڻ مهل خون شروع ٿيو ۽ سومر جي سج اڀرڻ مهل بند ٿيو يا جمع جي سج لهڻ مهل شروع ٿيو ۽ سومر جي سج لهڻ مهل بند ٿيو ته حيض جي گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين واري مدت صحيح نموني سان پوري ٿي وئي).

پر جيڪڏهن سج اڀرڻ يا سج لهڻ مهل خون شروع نه ٿيو پر ڏينهن يا رات جي ڪنهن درمياني وقت کان خون شروع ٿيو ته پوءِ حيض جي گهٽ ۾ گهٽ مدت جو حساب ڏينهن ۽ راتين جي اعتبار سان صحيح نه ٿي سگهندو. (مثلاً آچر جي صبح ٽائين بجي خون شروع ٿيو ۽ اڱاري جي شام بند ٿي ويو ته هاڻي ائين ڪونه سمجهبو ته آچر، سومر ۽ اڱارو ٽي ڏينهن ٿي ويا تنهنڪري اربعا جي فجر کان نماز شروع ڪري بلڪ ان جي لاءِ گهڙيءَ جي ٽائيم جي اعتبار سان ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين جو حساب ڪبو، جيئن ته رات ۽ ڏينهن ۾ چوويهه ڪلاڪ هوندا آهن، انهي حساب سان مٿي بيان ڪيل مثال واري صورت ۾ ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين جا ٻاهتر (٧٢) ڪلاڪ اربعا جي صبح نائين بجي پورا ٿيندا. نائين بجي کان پوءِ حيض جي گهٽ ۾ گهٽ يعني ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين واري مدت به صحيح

نموني سان پوري ٿيندي (بهار شريعت حصہ دوم ص – ٧٢)

**مسئلہ:** مدت جي اندر حيض جا ڇهہ (٦) **رنگ** آهن. (١) ڳاڙهو (٢) پيلو (٣) سائو (٤) خاڪي (٥) ميرو (٦) **ڪارو**. انهن رنگن مان جيڪو بہ رنگ اچي اهو سڀ حيض آهي.

جيستائين اندر رکيل پهو (ڪپهہ) **بلڪل** صاف سفيد نہ ڏيکارجي تيستائين پاڪائي نہ سمجهي ويندي ۽ جڏهن ڪپهہ بلڪل صاف سفيد ڏسڻ ۾ اچي تڏهن کان پاڪائي سمجهي ويندي.

**مسئلہ:** نوَن (٩) سالن کان اڳ ۽ پنجونجاهہ (٥٥) سالن کان پوءِ ڪنهن بہ عورت کي حيض نہ ايندو آهي ان ڪري نون (٩) سالن کان ننڍي ڇوڪريءَ کي جيڪڏهن خون اچي تہ اهو حيض نہ آهي، بلڪ استحاضہ آهي.

پنجونجاهہ سالن کان پوءِ جيڪڏهن خوب ڳاڙهو يا ڪارو رنگ ظاهر ٿئي تہ اهو حيض آهي ۽ جيڪڏهن پيلو يا سائو يا خاڪي رنگ ظاهر ٿئي تہ اهو حيض نہ آهي بلڪ استحاضہ آهي پر جيڪڏهن انهيءَ عورت کي هن عمر کان اڳ ۾ بہ پيلو يا سائو يا خاڪي رنگ ايندو هو تہ پنجونجاهہ سالن کان پوءِ بہ اهي رنگ حيض جا سمجهيا ويندا ۽ جيڪڏهن اڳ ۾ اهي رنگ نہ ايندا هئا تہ پوءِ انهن رنگن واري خون کي استحاضہ سمجهيو ويندو.

**مسئلہ:** ڪنهن عورت کي هميشہ ٽي ڏينهن يا چار ڏينهن خون ايندو هو پوءِ ڪنهن مهيني ۾ وڌيڪ ڏينهن آيو مگر ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ نہ آيو تہ اهو سڀ حيض سمجهيو ويندو ۽ جيڪڏهن ڏهن ڏينهن کان بہ وڌيڪ خون آيو تہ پوءِ پهرين عادت جيترا ڏينهن حيض ۽ باقي ڏينهن استحاضہ جا شمار ڪيا ويندا.

ان جو مثال هن طرح آهي تہ ڪنهن کي هميشہ ٽي ڏينهن حيض اچڻ جي عادت هئي پر ڪنهن مهيني ۾ نوَ (٩) ڏينهن ۽ نو (٩) راتيون يا

ڏهه ڏينهن ۽ ڏهه راتيون خون آيو تہ اهو سڀ حيض آهي.

جيڪڏهن ڏهن ڏينهن ۽ ڏهن راتين کان هڪ گهڙي بہ وڌيڪ خون آيو تہ پهريان ٿي ڏينهن عادت وارا حيض جا ۽ باقي سڀ ڏينهن استحاضہ جا سمجهيا ويندا ۽ انهن ڏينهن جون سڀ نمازون قضا ڪري پڙهڻ فرض آهن (ايضاً)

**مسئلہ:** ڪا اهڙي عورت آهي جنهن جي ڪا بہ مقرر عادت نہ آهي ڪڏهن چار ڏينهن خون اچي ٿو ۽ ڪڏهن ست ڏينهن ۽ ڪڏهن ڏهه ڏينهن اهڙيءَ طرح ان جي عادت بدلبي رهي ٿي تہ اهو سڀ حيض سمجهيو ويندو.

اهڙيءَ طرح عورت ڪي جيڪڏهن ڪنهن مهيني ۾ ڏهن ڏينهن ۽ ڏهن راتين کان وڌيڪ خون آيو تہ پوءِ ڏسبو تہ هن کان اڳئين مهيني ۾ ڪيترا ڏينهن حيض آيو هيو، بس اوترائي ڏينهن حيض جا باقي سڀ ڏينهن استحاضہ جا سمجهيا ويندا (ايضاً)

**مسئلہ:** ڪنهن عورت کي هميشه چار ڏينهن حيض ايندو هو پوءِ هڪ مهيني ۾ پنج ڏينهن خون آيو ان کان پوءِ ٻئي مهيني ۾ پندرهن ڏينهن خون آيو تہ انهن پندرهن ڏينهن مان پنج ڏينهن حيض جا سمجهيا ويندا ۽ ڏهه ڏينهن استحاضہ جا. هاڻي پهرين عادت جو اعتبار نہ ڪيو ويندو ۽ هي سمجهبو تہ پهرين عادت بدلجي وئي آهي ۽ هاڻي پنجن ڏينهن جي عادت ٿي وئي آهي (ايضاً).

## قابل توجهہ هڪ مشڪل مسئلو

**مسئلہ:** ڪنهن عورت کي ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ خون آيو ۽ هن کي حيض جي ڏينهن جي باري ۾ ويسر ٿي وئي آهي تہ خبر ناهي تہ مون کي ڪيترا ڏينهن حيض ايندو هو، يا هي ياد نہ اٿس تہ مهيني جي ڪهڙي تاريخ کان خون شروع ٿيندو هو ۽ ڪڏهن بند ٿيندو هو يا ٻئي ڳالهيون ياد نہ اٿس تہ پوءِ ان کي گهرجي تہ گهڻي سوچ ڪري جنهن طرف گمان غالب

ٿئي ان تي عمل ڪري، يعني جيترا ڏينهن پاڻ کي حيض کان پاڪ سمجهي انهن ڏينهن ۾ پاڪائي جي حڪمن تي عمل ڪري ۽ نماز پڙهڻ وقت ۽ روزي رکڻ وقت نئون وضو ڪري، ۽ جيترا ڏينهن پاڻ کي ناپاڪ (حيض جي حالت ۾) سمجهي انهن ڏينهن ۾ حيض جي حڪمن تي عمل ڪري. انهن ڏينهن ۾ نماز روزو ڇڏي ڏئي، انهن ڏينهن جون نمازون ته معاف آهن باقي روزا قضا ڪري رکڻا پوندا ۽ اهي روزا انهن ڏينهن ۾ رکي جن ۾ پاڻ کي حيض کان پاڪ سمجهي ٿي ۽ نماز پڙهي ٿي (انوار هدايت جلد اول ص - ١٤٤)

۽ جيڪڏهن ان کي ڪنهن به طرف گمان غالب نه ٿو ٿئي ته پوءِ ان کي روزانو هر نماز لاءِ غسل ڪرڻو آهي ۽ سڀ نمازون بلا ناغه پڙهڻيون آهن ۽ اهڙي صورتحال ۾ فرض ۽ واجب سنت مؤڪده نمازون پڙهي باقي سنت غير مؤڪده مستحب ۽ نفل وغيره نه پڙهني ۽ اهڙي طرح فرضي روزا رکي ۽ نفلي روزا نه رکي. ان کان سواءِ جيڪي به ڳالهيون حيض واريءَ لاءِ ناجائز آهن سي هن لاءِ به ناجائز آهن، جيئن قرآن پاڪ پڙهڻ، مسجد ۾ وڃڻ وغيره.

انهي حالت ۾ جيڪي به نمازون پڙهيائين اهي صحيح ٿي وينديون انهن جي موٽائڻ جي ضرورت نه آهي باقي جيڪي روزا انهيءَ حالت ۾ رکيا اٿئين، سي انهي عارضي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ وري قضا ڪري رکي (بهار شريعت حصه دوم ص - ٤٤)

۽ جيڪڏهن خون جي باري ۾ هن کي شڪ آهي ته پوءِ ان جون به صورتون ٿينديون. پهرين صورت هي آهي ته هن کي زماني جي باري ۾ ٻن ڳالهين ۾ شڪ هجي (١) خبر ناهي هي زمانو حيض جو آهي يا (٢) پاڪائيءَ جو. هن صورت ۾ حڪم هي آهي ته هر نماز جي وقت نئون وضو ڪري.

۽ ٻي صورت هي آهي ته هن کي زماني جي باري ۾ ٽن ڳالهين ۾

شڪ هجي (١) خبر ناهي تہ هيءَ زمانو حيض جو آهي يا (٢) پاڪائيءَ جو يا (٣) حيض کان پاڪ ٿيڻ جو.

هن صورت ۾ حڪم هي آهي تہ هر نماز جي وقت تي وضو ۽ غسل ٻئي ڪري پوءِ نماز پڙهي (انوار هدايت جلد اول ص - ١٤٤)

**نوٽ:** هي هڪ منجهيل ۽ مشڪل مسئلو آهي تنهنڪري فقه جي گهڻن ڪتابن تہ اهو مسئلو لکيو ئي نہ آهي ۽ جن ڪتابن لکيو آهي تن مان بہ هر هڪ پنهنجي پنهنجي انداز ۾ اهڙيون تہ منجهيل ۽ گهڻيون صورتون بيان ڪيون آهن جو انهن جو سمجهڻ سڀ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي تنهنڪري اسان فقط اهم ۽ ضروري صورتون آسان کان آسان انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اها اميد ٿا ڪيون تہ جيڪڏهن ضرورتمند توجهہ سان پڙهنديون تہ انشاءالله تعاليٰ مسئلو سمجهہ ۾ اچي وينداُن. (مؤلف)

**مسئلو:** ڪنهن ڇوڪريءَ پهريون دفعو خون ڏٺو ۽ اهو خون ڪنهن بہ طرح بند نہ پيو ٿئي ۽ ڪيترن مهينن تائين برابر ايندو رهيو، تہ ان عورت لاءِ حڪم هي آهي تہ جنهن ڏينهن کان خون آيو هيو ان ڏينهن کان وٺي ڏهہ ڏينهن ۽ ڏهہ راتيون حيض جا شمار ڪري ان کان پوءِ ويهہ (٢٠) ڏينهن ۽ ويهہ (٢٠) راتيون استحاضہ شمار ڪري. اهڙيءَ طرح جيستائين اهو عارضو اٿس تيستائين انهي حساب سان پاڪائي ۽ ناپاڪائي جي حڪمن تي عمل ڪري (ايضاً).

**مسئلو:** ۽ جيڪڏهن اهڙي صورتحال اهڙي عورت کي پيش اچي جنهن کي اڳ ۾ بہ حيض آيو آهي ۽ ان کي پنهنجي عادت معلوم آهي تہ مهيني ۾ هيترا ڏينهن مونکي حيض ايندو آهي تہ پوءِ اها عورت مهيني جي ٽيهن ڏينهن مان عادت وارن ڏينهن کي حيض سمجهي ۽ باقي ڏينهن کي استحاضہ سمجهي (بهار شريعت).

**مسئلو:** ٻن حيض جي وچ ۾ پاڪ رهڻ جي مدت گهٽ ۾ گهٽ

پندرهن ڏينهن آهي ۽ وڌيڪ جي ڪا بہ حد نہ آهي، سو جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪان ڪنهن عورت کي حيض اچڻ بند ٿي وڃي تہ جيترن مهينن تائين خون نہ ايندو اوترا ڏينهن حيض کان پاڪ رهندي (ايضاً).

**مسئلو:** اهڙيءَ طرح نفـاس ۽ حـيض جي وچ ۾ بہ پاڪ رهڻ جي مدت گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ڏينهن آهي پر جيڪڏهن نفاس جو خون ختم ٿيڻ کانپوءِ اجا پندرهن ڏينهن پاڪائيءَ جا نہ گذريا تہ وري خون شروع ٿي ويو تہ پوءِ ان خون کي حيض نہ چئبو چو تہ وچ ۾ پندرهن ڏينهن پاڪائيءَ وارا نہ گذريا آهن، تنهن ڪري ان خون کي استحاضہ چئبو.

**مسئلو:** جيـڪڏهن ڪنهن عـورت کي ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون خـون آيو ۽ پوءِ پندرهن ڏينهن حيض کان پاڪ رهي ان کانپوءِ وري ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون خون آيو تہ ٽي ڏينهن پهريان ۽ ٽي ڏينهن هي جيڪي پندرهن ڏينهن کان بعد جا آهن سي حيض جا آهن ۽ پندرهن ڏينهن وچ وارو زمانو پاڪائيءَ جو آهي (ايضاً).

**مسئلو:** جيـڪڏهن هڪ يا بہ ڏينهن خـون آيو پوءِ پندرهن ڏينهن پاڪ رهي، ان کـان پوءِ وري هڪ يا بہ ڏينهن خـون آيو تہ وچ وارا پندرهن ڏينهن پاڪائيءَ جو زمانو سمجهيو ويندو ۽ ان کان اڳيان ۽ پويان هڪ يا بہ ڏينهن جيڪو خون آيو اهو استحاضہ جو سمجهيو ويندو (ايضاً).

**مسئلو:** جيـڪڏهن هڪ ڏينهن يا ان کـان زياده ڏينهن خـون جـاري رهڻ کـان پوءِ بند ٿي ويو پرپاڪائي پندرهن ڏينهن کـان گهٽ رهي (يعني چوڏهن يا ان کـان بہ گهٽ ڏينهن گذريا تہ وري خون شروع ٿي ويو) تہ وچ واري پاڪائيءَ جي ڏينهن جو ڪو اعتبار نہ آهي (يعني حڪم جي اعتبار سان انهن ڏينهن کي پاڪائيءَ جو زمانو نہ چئبو) بلڪ هيئنئن سمجبو تہ چڻ اول کـان آخر تائين برابر خون جاري رهيو. هاڻي ان جي لاءِ حڪم هي آهي تہ جيترا ڏينهن حيض اچڻ جي عادت هجي اوترا ڏينهن حيض جا آهن ۽ باقي سڀ استحاضہ آهي. (ان جو مثال هن طرح سمجهڻ گهرجي تہ

ڪنهن کي هر مهيني جي پهرين، ٻي ۽ ٽين تاريخن تي حيض ايندو هو پوءِ ڪنهن مهيني ۾ هينئن ٿيو جو پهرين تاريخ تي خون آيو پوءِ چوڏهن ڏينهن پاڪ رهي ان کان پوءِ وري هڪ ڏينهن خون آيو تہ هينئن سمجهبو تہ سورهن ئي ڏينهن ڄڻ برابر خون جاري رهيو. هاڻي ان جي لاءِ حڪم هي آهي تہ انهن ڏينهن مان ٽي ڏينهن منڍ وارا عادت موجب حيض جا شمار ڪري ۽ تيرنهن ڏينهن استحاضہ جا آهن)

۽ جيڪڏهن چوٿين، پنجين ۽ ڇهين جي تاريخن تي حيض اچڻ جي عادت هئي تہ اهي ئي تاريخون حيض جون سمجبيون ۽ ٽي ڏينهن منڍ وارا ۽ ڏهہ ڏينهن بعد وارا استحاضہ جا آهن.

۽ جيڪڏهن ان جي ڪا بہ عادت مقرر نہ هجي بلڪ پهريون دفعو خون آيو هجي تہ پهريان ڏهہ ڏينهن حيض جا سمجهبا ۽ پويان ڇهہ ڏينهن استحاضہ جا (ايضاً).

**مسئلہ:** حمل جي زماني ۾ جيڪڏهن خون ظاهر ٿئي تہ اهو بہ حيض نہ آهي بلڪ استحاضہ آهي چاهي ڪيترا بہ ڏينهن جاري رهي.

**مسئلہ:** ٻار ڄمڻ وقت ٻار نڪرڻ کان اڳ ۾ جيڪو خون ايندو آهي اهو استحاضہ آهي، بلڪ جيستائين ٻار اڌ کان وڌيڪ نہ نڪري اچي تيستائين جيڪو خون ايندو اهو بہ استحاضہ آهي (ايضاً).

# حيض جي حڪمن جو بيان

**مسئلہ:** حيض جي زماني ۾ نماز پڙهڻ ۽ روزو رکڻ جائز نہ آهي. ايترو فرق آهي تہ نماز تہ **بلڪل معاف** ٿي ويندي آهي، پاڪ ٿيڻ کان پوءِ ان جي قضا واجب نہ ٿيندي. مگر روزو معاف نہ ٿيندو آهي. پاڪ ٿيڻ کان پوءِ روزا قضا ڪري رکڻا پوندا آهن. (ايضاً)

**مسئلہ:** جيڪڏهن فرض نماز پڙهندي حيض اچي ويو تہ اوڏيءَ مهل اڌ ۾ نماز ڇڏي ڏئي ۽ **اها** نماز معاف ٿي وئي. پاڪ ٿيڻ کان پوءِ بہ ان جي قضا واجب نہ آهي ۽ جيڪڏهن سنت يا نفل پڙهندي حيض آيو تہ ان جي قضا واجب آهي ۽ جيڪڏهن اڌ روزي کان پوءِ حيض آيو تہ اهو روزو ڀڄي پيو، پاڪ ٿيڻ کان پوءِ فرضي روزو رکڻ فرض آهي ۽ نفلي روزو رکڻ واجب آهي. (بهار شريعت حصہ ٢ ص – ٤٧)

**مسئلہ:** جيڪڏهن نماز جي پوئين وقت ۾ حيض آيو ۽ اڃا نماز نہ پڙهي هئائين تہ اها نماز بہ معاف ٿي وئي (بهشتي زيور)

**مسئلہ:** حيض جي زماني ۾ مرد وٽ رهڻ يعني صحبت ڪرڻ جائز نہ آهي باقي ان کان سواءِ اهي سڀ ڳالهيون درست آهن جنهن ۾ عورت جي دن کان وٺي گوڏن تائين جي جسم کي مرد جو ڪو بہ عضوو نہ لڳي يعني گڏ کائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ وغيره سڀ جائز آهي (ايضاً).

**مسئلہ:** ڪنهن جي عادت پنجن يا نون ڏينهن جي هئي سو جيترن ڏينهن جي عادت هئي اوترا ئي ڏينهن خون آيو ۽ پوءِ بند ٿي ويو، هاڻي ان جي لاءِ حڪم هي آهي تہ جيستائين غسل نہ ڪري يا هڪ نماز جو وقت گذري وڃي يعني هڪ نماز جي قضا هن جي ذمي ٿي وڃي تيستائين ان سان صحبت ڪرڻ جائز نہ آهي **(ايضا)**.

**فائده:** نماز جي ذمي ٿيڻ جو گهٽ ۾ گهٽ وقت هي آهي ته حيض کان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ نماز جو وقت ايترو هجي جو ان وقت جي اندر تڙ تڪڙ ۾ غسل ڪرڻ کان پوءِ ڪپڙا پائي الله اڪبر چئي نيت ٻڌي سگهي.

حيض کان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ ايترو وقت هيو پر هن سستي ڪئي ۽ غسل نه ڪيائين تانجو نماز جو اهو وقت گذري ويو ته هاڻي اها نماز ان عورت جي ذمي ٿي وئي ۽ هاڻي ان عورت سان غسل ڪرڻ کان سواءِ به صحبت ڪرڻ جائز آهي.

۽ جيڪڏهن ان کان به وقت ٿورو هيو ته پوءِ انهي ٿورڙي وقت جي گذرڻ سان غسل ڪرڻ کان سواءِ صحبت ڪرڻ جائز نه آهي بلڪ هاڻي يا ته غسل ڪري يا وري جڏهن ٻي نماز جو پورو وقت گذري وڃي تانته اها نماز ان جي ذمي ٿي وڃي ان کان پوءِ غسل ڪرڻ کان سواءِ به ان سان صحبت ڪرڻ جائز آهي (بهار شريعت حصه دوم ص - ٤٧)

**تنبيھ:** حيض کان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ بنا دير جي غسل ڪري پاڪ صاف ٿيڻ گهرجي غسل ڪرڻ ۾ خواهه مخواهه سستي ڪري نماز قضا ڪرڻ سخت گناهه آهي تنهن ڪري اهڙي سستيءَ کان بچڻ گهرجي. (مؤلف)

**مسئلو:** جيڪڏهن عادت پنجن ڏينهن جي هئي پر هڪ ڀيري چئن ڏينهن کان پوءِ خون بند ٿي ويو ته هاڻي هن کي غسل ڪري نماز پڙهڻ واجب آهي مگر جيستائين عادت وارا پنج ڏينهن پورا نه ٿين تيستائين صحبت ڪرڻ جائز نه آهي ڇو ته اجا به خون جي اچڻ جو شڪ آهي (ايضاً).

**مسئلو:** جيڪڏهن پورا ڏهه ڏينهن ۽ ڏهه راتيون خون جاري رهڻ کان پوءِ بند ٿي ويو ته هاڻي غسل ڪرڻ کان سواءِ به صحبت ڪرڻ جائز آهي (ايضاً).

**مسئلو:** جيڪڏهن هڪ يا ٻه ڏينهن خون اچي بند ٿي ويو ته غسل

ڪرڻ واجب نہ آهي. صرف وضو ڪري نماز پڙهي پر اجا صحبت ڪرڻ جائز نہ آهي.

جيڪڏهن اجا (پاڪائيءَ جي گهٽ ۾ گهٽ مدت وارا) پندرهن ڏينهن نہ گذريا تہ ان کان بہ اڳ ۾ خون اچي ويو تہ ان مان معلوم ٿيو تہ اڳ ۾ جيڪو هڪ يا ٻہ ڏينهن خون آيو هو اهو استحاضہ جو نہ هيو بلڪہ حيض هيو. هاڻي ان جي لاءِ حڪم هي آهي تہ خون جي بند ٿيڻ کان پوءِ غسل ڪري حيض جي عادت وارن ڏينهن کي حيض سمجهي يعني انهن ڏينهن جون نمازون هن کي معاف آهن ۽ وڌيڪ جيڪي ڏينهن گذريا انهن کي استحاضہ سمجهي ۽ انهن ڏينهن جون نمازون قضا ڪري ۽ جيڪڏهن هڪ يا ٻہ ڏينهن خون اچڻ کان پوءِ پندرهن ڏينهن پاڪائي رهي ان کانپوءِ وري خون شروع ٿيو تہ ان مان معلوم ٿيو تہ پهريان هڪ يا ٻہ ڏينهن جيڪو خون آيو هيو اهو استحاضہ جو هيو. هاڻي خون بند ٿيڻ کان پوءِ غسل ڪري انهن ڏينهن جون نمازون قضا ڪري (ايضاً).

**نوٽ:** هي ساڳيو مسئلو "متفرق ۽ مشترڪ مسائل" ۾ وڌيڪ وضاحت سان اچي رهيو آهي (مؤلف)

**مسئلو:** ڪنهن عورت کي هر مهيني ٽي ڏينهن حيض اچڻ جي عادت هئي پر هڪ مهيني ۾ هيئن ٿيو جو ٽي ڏينهن پورا ٿي ويا پر خون بند نہ ٿيو تہ هاڻي ان جي لاءِ حڪم هي آهي تہ نہ غسل ڪري ۽ نہ نماز پڙهي پر خون جي بند ٿيڻ جو انتظار ڪري. جيڪڏهن پورن ڏهن ڏينهن تي يا ان کان بہ اڳ ۾ خون بند ٿي ويو تہ اهو خون حيض جو سمجهيو ويندو. انهن ڏينهن جون نمازون معاف آهن ۽ هاڻي هيئن سمجهبو تہ پهرين عادت مٽجي وئي آهي (يعني هن ڀيري جيترا ڏينهن خون آيو هاڻي اهائي عادت سمجهي ويندي).

۽ جيڪڏهن يارهين ڏينهن بہ خون آيو تہ پوءِ سمجهبو تہ حيض جي عادت وارا فقط ٽي ڏينهن ئي هيا باقي سڀ استحاضہ آهي لهذا

استحاضہ جي خون جي بند ٿيڻ جو انتظار نہ ڪري بلڪ يارهين ڏينهن غسل ڪري ۽ نماز شروع ڪري ۽ استحاضہ وارن ستن ڏينهن جون نمازون قضا ڪري پڙهي ان کان پوءِ سڀ نمازون پڙهندي رهي. (ايضاً).

**مسئلہ:** جيڪڏهن ڏهن ڏينهن کان گهٽ حيض آيو ۽ آخري وقت ۾ خون بند ٿيو جو نماز جو وقت ايتري قدر تنگ هيو جو تڙ تڪڙ ۾ غسل ڪرڻ کانپوءِ فقط هڪ دفعو الله اڪبر چئي نيت ٻڌي سگهي ٿي ۽ ان کان وڌيڪ ڪجهہ بہ پڙهي نہ ٿي سگهي تہ بہ ان وقت جي نماز واجب ٿي وڃي ٿي ۽ اها قضا ڪرڻي پوندي ۽ جيڪڏهن ان کان بہ وقت گهٽ هيو تہ پوءِ اها نماز معاف آهي. ان جي قضا واجب نہ آهي.

**فائده:** مٿين بيان ٿيل صورت ۾ بهتر آهي تہ تڙ تڪڙ ۾ غسل ڪري نماز شروع ڪري. نماز شروع ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن نماز جو وقت ختم ٿي بہ وڃي پر هي پنهنجي نماز پڙهي پوري ڪري. هن جي اها نماز ٿي ويندي. البتہ فجر جي نماز پڙهندي جيڪڏهن سج نڪري آيو تہ اها نماز نہ ٿيندي ۽ موٽائڻي پوندي. (حاشيہ بهشتي زيور).

**فائده:** مٿي بيان ٿيل مسئلي ۾ تڙ تڪڙ جو مطلب هي آهي تہ آخري وقت ۾ غسل جا صرف فرض ادا ڪري سنتن ۾ مستحبن جو پلي لحاظ نہ ڪري (ايضاً).

**مسئلہ:** پورا ڏهہ ڏينهن ۽ ڏهہ راتيون خون جاري رهڻ کانپوءِ آخري وقت ۾ بند ٿيو جو نماز جي وقت اندر صرف هڪ ڀيرو الله اڪبر چئي سگهي ٿي نہ ان کان وڌيڪ ڪجهہ پڙهي سگهي ٿي ۽ نہ غسل ڪري سگهي ٿي تڏهن بہ اها نماز واجب ٿي وڃي ٿي ۽ اها قضا ڪرڻي پوندي (ايضاً).

**مسئلہ:** جيڪڏهن رمضان شريف ۾ ڏينهن جو حيض کان پاڪ ٿي تہ هاڻي هن کي ڪجهہ کائڻ پيئڻ جائز نہ آهي. شام تائين روزيدارن وانگر رهڻ واجب آهي پر هن جو اهو ڏينهن روزي ۾ شمار نہ ٿيندو، تنهنڪري

اهو روزو قضا ڪرڻ فرض آهي. (ايضاً).

**مسئلو:** رمضان شريف جي مهيني ۾ پورا ڏهه ڏينهن ۽ ڏهه راتيون خون جاري رهڻ کان پوءِ رات جي آخري حصي ۾ پرهه ڦٽڻ کان صرف ايترو وقت اڳ ۾ بند ٿيو جو ان ۾ صرف هڪ ڀيرو الله اڪبر به چئي نه ٿي سگهي تڏهن به هن تي اُن ڏينهن جو روزو فرض آهي تنهنڪري ان وقت روزي جي نيت ڪري ڇڏي. غسل ڪري ۽ فجر جي نماز پڙهي هن جو اهو روزو صحيح ٿي ويندو.

۽ جيڪڏهن ڏهن ڏينهن ۽ ڏهن راتين کان گهٽ حيض آيو ۽ رات جي آخري حصي ۾ پرهه ڦٽڻ کان صرف ايترو وقت اڳ ۾ حيض کان پاڪ ٿي جنهن ۾ تڙ تڪڙ ۾ غسل ته ڪري سگهي ٿي پر ان کان پوءِ هڪ دفعو الله اڪبر به چئي نه ٿي سگهي تڏهن به هن تي اهو روزو فرض آهي. (ايضاً).

(تنهنڪري هن کي گهرجي ته تڙ تڪڙ ۾ غسل ڪري روزي جي نيت ڪري ڇڏي هن جو اهو روزو صحيح ٿي ويندو).

۽ جيڪڏهن رات ته ايتري هئي پر سستي ڪري غسل نه ڪيائين تڏهن به روزو نه ٽوڙي پر روزي جي نيت ڪري ڇڏي غسل ڪري فجر جي نماز پڙهي هن جو اهو روزو صحيح ٿي ويندو.

۽ جيڪڏهن ان کان به وقت گهٽ هيو يعني پرهه ڦٽڻ کان اڳ ۾ غسل ڪرڻ جيترو به وقت نه هيو ته پوءِ هن لاءِ روزي جي نيت ڪرڻ جائز نه آهي پر ڏينهن جو کائڻ پيئڻ به جائز نه آهي تنهنڪري سڄو ڏينهن روزيدارن وانگر گذاري ۽ رمضان شريف کان پوءِ ان جي قضا ڪري (ايضاً).

**مسئلو:** جڏهن خون سوراخ مان نڪري ٻاهرين ڪل ۾ اچي وڃي ان وقت کان وٺي حيض شروع ٿي ويندو آهي. خون ڪل کان ٻاهر نڪري يا نه نڪري ان جو ڪو اعتبار نه آهي.

۽ جيڪڏهن ڪنهن عورت سوراخ جي اندر ڪپهہ وغيره رکي ڇڏي، جنهن ڪري خون ٻاهر نڪري نہ سگهيو تہ جيستائين خون سوراخ جي اندر ئي اندر آهي ۽ ان ڪپهہ مان ٻاهرين طرف ڪان داغ وغيره ظاهر نہ ٿئي تيستائين حيض جو حڪم نہ لڳايو ويندو.

۽ جيڪڏهن ٻاهرين ڪل تائين خون پهچي ويو يا اندر رکيل ڪپهہ تي خون جو داغ ظاهر ٿيو يا اندر رکيل ڪپهہ ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين تہ ان وقت ڪان وٺي حيض جي ڏينهن جو حساب ٿيندو (ايضاً).

(مثلاً ڏينهن جو هڪ بجي ڪپهہ رکي هئائين ۽ مغرب نماز ڪان اڳ ۾ ٻاهر ڪڍيائين، يا ڪپهہ تي خون جو داغ نظر آيس تہ هاڻي مغرب جي نماز نہ پڙهي ڇو تہ حيض شروع ٿي ويو).

جيڪڏهن ظهر ۽ عصر جون نمازون نہ پڙهيون هئائين تہ حيض ڪان پاڪ ٿيڻ ڪان پوءِ ٻئي نمازون قضا ڪري، ڇو تہ حيض جو حڪم مغرب جي نماز ڪان لڳندو. (خواتين جو گلدستو).

**مسئلو:** ڪنهن عورت کي حيض جو خون اچي رهيو هيو انهيءَ ڪپڙن جي خراب ٿيڻ ڪان بچاءَ لاءِ اندر ڪپهہ رکي ڇڏي هئي جڏهن ڪپهہ کي ٻاهر ڪڍيائين تہ ان تي خون جو ڪو بہ نشان نہ هيو، هاڻي ان وقت ڪان خون بند ٿيڻ جو حڪم لڳندو جنهن وقت ڪپهہ اندر رکي هئائين ڇو تہ جيڪڏهن ان وقت خون هجي ها تہ ضرور ڪپهہ کي لڳي ها.

(مثلاً عصر جي نماز جي وقت ڪپهہ رکي هئائين ۽ عشا جي نماز وقت ڪپهہ ٻاهر ڪڍيائين تہ ان تي ڪو بہ خون جو اثر نہ هيو تہ هن صورت ۾ خون جي بند ٿيڻ جو حڪم عصر نماز جي وقت ڪان لڳندو. هاڻي هن جي لاءِ حڪم هي آهي تہ غسل ڪري پهريان عشا جي وقتي نماز پڙهي ان ڪان پوءِ عصر ۽ مغرب جي قضا پڙهي (ايضاً).

# استحاضہ جو بيان

**حديث 1:** صحيحين ۾ ام المؤمنين صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ فاطمہ بنت ابي حُبيش رضي الله عنهما عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ مون کي استحاضہ اچي ٿو ۽ پاڪ نہ ٿي رهان تہ ڇا مان نماز ڇڏي ڏيان؟ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ نہ، هي تہ هڪ رڳ جو خون آهي حيض نہ آهي. جڏهن حيض (جي عادت) وارا ڏينهن اچن (اوترا ڏينهن) نماز ڇڏيَ ڏي ۽ جڏهن اهي (ڏينهن) گذري وڃن تہ (خون جي بند ٿيڻ جو انتظار نہ ڪر بلڪہ) خون ڌوئي (غسل ڪري) نماز پڙهہ (مشڪواة شريف، بهار شريعت حصو دوم ص - ۴۸)

**حديث 2:** امام مالڪ ابو دائود، دارمي ۽ نسائي جي روايت ۾ آهي تہ هڪ عورت جو هميشه خون جاري رهندو هيو ان (عورت) لاءِ ام المؤمنين ام سلمہ رضي الله عنها حضور ﷺ جن کان فتويٰ پڇي. پاڻ ارشاد فرمايائون تہ هن بيماريءَ (واري مهيني) کان اڳئين مهيني ۾ جيترا ڏينهن ۽ راتيون حيض آيو هيو، اوترا ڏينهن ۽ راتيون ڳڻي (انهن کي حيض سمجهي) نماز ڇڏي ڏئي ۽ جڏهن اهي ڏينهن (حيض وارا) گذري وڃن تہ پوءِ وهنجي، ان کان پوءِ خون جي نڪرڻ واري جاءِ جي مٿان ڪپڙو ٻڌي (خون کي بند ڪري پوءِ) نماز پڙهي.

**حديث 3:** حضرت حمنہ بنت حجش رضي الله عنها جي استحاضہ جو خون هر وقت جاري رهندو هو. ان کي حضور ﷺ جن فرمايو تہ خون جي نڪرڻ واري جاءِ ۾ ڪپهہ رکي ڇڏ جيئن خون ٻاهر نڪري نہ سگهي تہ حضرت حمنہ رضي الله عنها عرض ڪيو تہ خون ايتري قدر زياده آهي جو

ڪپهہ سان روڪڻ ممڪن نہ آهي. تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ ان جي مٿان ڪپڙو ٻڌي ڇڏ. ان عرض ڪيو تہ ان سان بہ خون روڪڻ ناممڪن آهي. تہ حضور ﷺ جن فرمايو تہ ڪپهہ ۽ ڪپڙي جي وچ تي ٻيو وڏيڪ ڪپڙو رک. (هيءَ حديث ابو دائود ۽ ترمذيءَ روايت ڪئي آهي. انوار هدايت جلد اول ص - ١٤٣)

**فائده:** مٿي بيان ڪيل حديثن کان سواءِ ٻين حديثن ۾ بہ حضور ﷺ جن مستحاضہ (استحاضہ وارين) عورتن کي غسل ڪرڻ، استحاضہ جو خون بند ڪرڻ، وضو ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ نماز پڙهڻ جو امر فرمايو آهي.

**مسئلو:** عورتن کي حيض ۽ نفاس جي حالت ۾ ڪپهہ سان خون کي بند ڪرڻ سنت آهي (ايضاً).

**مسئلو:** جيڪڏهن ڪپهہ، ڪپڙي وغيره سان ايتري دير تائين استحاضہ جي خون کي روڪي سگهي ٿي جو ان ۾ فرض پڙهي سگهي ٿي تہ پوءِ ان عورت کي معذور نہ چئبو (بهار شريعت حصہ ٢، ص - ٤٨)

**فائده:** مذڪوره بالا احاديث مبارڪہ ۽ فقهي مسائل جو مختصر ماحصل ۽ مطلب هي آهي تہ جڏهن عورت کي يقين ٿي وڃي تہ هي خون حيض يا نفاس جو نہ آهي پر استحاضہ جو آهي تہ پوءِ ان کي گهرجي تہ غسل ڪري ان کان پوءِ خون کي روڪڻ لاءِ اندر ڪپهہ رکي ڇڏي. جيڪڏهن ان سان بہ خون بند نہ ٿئي تہ پوءِ ڪپهہ جي مٿان پيڊ (انهيءَ مقصد لاءِ ٺهيل مخصوص ڪپڙو) چاڙهي ڇڏي يا لنگوٽي ٻڌي ڇڏي، جيڪڏهن ان سان بہ بند نہ ٿئي تہ پوءِ ٿلهي ڪپڙي جو ٽڪرو ويٽو ويٽو ڪري ڪپهہ ۽ پيڊ جي وچ تي رکي، مطلب تہ جنهن بہ طريقي سان ممڪن هجي خون کي روڪي پوءِ وضو ڪري نماز پڙهي.

جيڪڏهن استحاضہ جو خون تمام گهڻو آهي ۽ ايتري ڪوشش جي باوجود بہ بند نہ ٿو ٿئي ۽ هڪ نماز جو پورو وقت شروع کان وٺي آخر تائين انهي حالت ۾ گذري وڃي ٿو جو صرف فرض نماز ادا ڪرڻ جيترو

وقت بہ خون بند نہ ٿو ٿئي تہ پوءِ اها عورت معذور جي حڪم ۾ آهي (ايضاً).

## استحاضہ جو خون بند ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟

مذڪوره بالا احاديث مبارڪہ ۽ فقهي مسائل مان هي چند ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون.

هڪ تہ خون حيض جو هجي، نفاس يا استحاضہ جو، جيڪڏهن ان جو روڪڻ ممڪن هجي تہ ان کي روڪجي. حيض ۽ نفاس جو خون محض بدن ۽ ڪپڙن جي صفائي سترائيءَ جي ڪري روڪڻ مسنون آهي. باقي استحاضہ جو خون نماز جي درستگيءَ جي لاءِ روڪڻ ضروري آهي.

عام طور تي هي سمجهيو ويندو آهي تہ حيض ۽ نفاس جي حالت ۾ نماز معاف آهي ۽ استحاضہ جي حالت ۾ نماز پڙهڻي آهي. باقي اها خبر نہ هوندي اٿن تہ نماز جي درستگيءَ جي لاءِ استحاضہ جو خون بند ڪرڻ تمام ضروري آهي.

مسئلو هن طرح آهي تہ جيڪڏهن استحاضہ جو خون ايتري قدر زياده آهي جو مٿي بيان ڪيل سمورين ڪوشش جي باوجود بہ نہ ٿو رڪجي تہ پوءِ اها عورت معذور جي حڪم ۾ آهي. هاڻي ان جي لاءِ حڪم هي آهي تہ انهي خون جي نڪرڻ سان هن جو وضو نہ ڀڄندو ۽ جيڪڏهن اهو خون هن جي ڪپڙن کي لڳندو تہ ان ڪپڙي کي بہ ناپاڪ نہ چئبو. ان ڪپڙي سان نماز پڙهڻ جائز آهي.

پر جيڪڏهن استحاضہ جو خون ايتري قدر زياده نہ آهي بلڪہ مٿي بيان ڪيل ترڪيبن سان نماز جي فرض پڙهڻ جيترو وقت خون کي روڪي سگهجي ٿو تہ پوءِ ان لاءِ حڪم هي آهي تہ مٿي بيان ڪيل ترڪيبن سان خون بند ڪري پوءِ هر نماز جي وقت تي نئون وضو ڪري نماز پڙهي.

پر جيڪڏهن خون بند ڪرڻ کان سواءِ وضو ڪيائين ۽ وضو ڪرڻ

شيءِ ۾ ڪو معمولي عيب هوندو تہ مجال آهي جو ان کي قبول ڪن. شيءِ جي آڻيندڙ ۽ دوڪاندار کي سخت جملن سان نوازيندي اها شي واپس ڪنديون آهن. باقي پليد بدن ۽ پليد ڪپڙن سان پڙهيل نماز کي "پاڻهي الله سائين قبول ڪندو؟" .

افسوس آهي جو پنهنجي لاءِ تہ سٺي شي پسند ڪن ٿيون ۽ ان ۾ هڪ معمولي عيب کي بہ برداشت نہ ٿيون ڪن باقي الله تعاليٰ جي حضور ۾ اهڙي ناپاڪائيءَ جي حالت ۾ بيهندي خدا تعاليٰ جو خوف ئي نہ ٿو ٿئين. ڇا انهن کي خبر نہ آهي تہ پاڪائي نماز جو پهريون شرط آهي؟

بلڪ حضور ﷺ جن هي بہ ارشاد فرمايو آهي : " پاڪائي ايمان لاءِ شرط آهي" ۽ ٻي جاءِ تي ارشاد فرمايائون تہ "پاڪائي ايمان جو اڌ آهي" . تنهنڪري خواتين کي گهرجي تہ قرآن پاڪ، احاديث مبارڪ ۽ فقهاءِ ڪرام جي واضح ارشادات ۽ مسائل تي صحيح نموني سان عمل ڪري پنهنجون نمازون ۽ روزا صحيح نموني سان ادا ڪن. الله ۽ الله تعاليٰ جي حبيب پاڪ ﷺ جن جو رضامندو حاصل ڪري پنهنجو پاڻ کي اخروي عتاب کان بچائين.

صحيح صحيح حقيقت هي آهي تہ مٿي جو ڪجھ عرض ڪيو ويو ان جو مقصد ڪنهن جي دل آزاري يا عزت نفس کي مجروح ڪرڻ هرگز نہ آهي. جيڪڏهن مقصد آهي تہ صرف ۽ صرف خواتين جي اصلاح، ڀلائي ۽ خير خواهي.

ان أريد الا الاصلاح (مؤلف).

**مسئلو:** استحاضہ واري عورت کي نماز بہ پڙهڻي آهي ۽ روزو بہ رکڻو آهي ۽ ان سان صحبت ڪرڻ بہ جائز آهي (**بهشتي زيور**).

فائده: اگرچہ شرعاً صحبت ڪرڻ جي اجازت آهي، پر طبي نقطہ نظر سان ان ۾ مرد ۽ عورت لاءِ نقصان آهي ۽ ان مان بيماريون پيدا ٿين

ٿيون تنهنڪري پرهيز ڪرڻ بهتر آهي (گلدستہ خواتين).

**مسئلہ:** جيڪڏهن استحاضہ واري عورت جو خون نماز جي پوري وقت ۾ ايتري گهڙيءَ لاءِ بہ بند نہ ٿو ٿئي جو ان ۾ پاڪائيءَ جي حالت ۾ صرف فرض نماز ادا ڪري سگهي تہ اها عورت معذور جي حڪم ۾ آهي. معذور جي لاءِ حڪم هي آهي تہ هر نماز لاءِ نئون وضو ڪري ۽ ان وضوءَ سان ان نماز جي پوري وقت ۾ جهڙيون بہ نمازون (يعني فرض، سنتون يا نفل) چاهي پڙهي سگهي ٿي. خون جي ظاهر ٿيڻ سان نہ ان عورت جو وضو ڀڄندو ۽ نہ خون جي لڳڻ سان ڪپڙو پليد ٿيندو. (بهار شريعت حصو دوم ص - ۴۸)

## هڪ سمجهڻ جهڙو مسئلو

استحاضہ واري عورت جي معذوريءَ لاءِ هي شرط آهي تہ خون شروع ٿيڻ کان پوءِ پهرين نماز جو پورو وقت مسلسل خون جاري رهيو هجي ۽ ان کان پوءِ ٻين نمازن جي وقتن لاءِ اهو شرط نہ آهي تہ نماز جي پوري وقت ۾ مسلسل خون جاري رهي پر جيڪڏهن نماز جي پوري وقت ۾ صرف هڪ ڀيرو بہ خون ظاهر ٿئي ٿو ۽ ٻيو سمورو وقت بند رهي ٿو تڏهن بہ اها عورت اڃا معذور جي حڪم ۾ آهي.

۽ جنهن مريض جو پيشاب هر وقت جاري رهي ٿو يا ڪو ٻيو اهڙو عذر آهي جيئن هر وقت زخم مان گند وهي ٿو ان لاءِ بہ ساڳيو حڪم آهي (انوار هدايت جلد اول ص - ۱۵۱)

**مسئلہ:** ڪنهن عورت کي استحاضہ جو خون شروع ٿي ويو يا ڪنهن مرد يا عورت جي نڪسير شروع ٿي وئي ۽ اهو خون ايتري قدر مسلسل وهندو رهيو جو نماز جي پوري وقت ۾ ايتري بہ فرصت نہ ملي جو ان ۾ پاڪائيءَ سان فرض نماز ادا ڪري سگهي تہ اهڙي ماڻهوءَ کي معذور سمجهيو ويندو. ان جي لاءِ حڪم هي آهي تہ هر نماز لاءِ نئون وضو ڪري

جيستائين ان نماز جو وقت هوندو تيستائين ان جو وضو بہ بحال رهندو،
اُلبتہ جنهن بيماريءَ ۾ مبتلا آهي ان کان سواءِ جيڪڏهن ٻيو ڪو اهڙو
سبب ظاهر ٿي پيو جنهن سان وضو ڀڄي پوندو هجي تہ پوءِ ان سبب جي
ڪري وضو ڀڄي پوندو ۽ نئين سر وضو ڪرڻو پوندو.

مثلاً ڪا عورت استحاضہ جي ڪري معذور آهي ان ظهر جي نماز
جي وقت وضو ڪيو تہ هاڻي جيستائين ظهر جي نماز جو وقت رهندو
تيستائين استحاضہ جي خون جي ڪري ان جو وضو نہ ڀڄندو پر جيڪڏهن
ان عورت کي پيشاب يا پائخانو آيو يا سئي يا ڪنبو چُڀي ويو ۽ ان مان
رت نڪتو يا ٻيو ڪو اهڙو سبب ظاهر ٿيو تہ هاڻي ان جو وضو ڀڄي پيو ۽
هاڻي ان کي نئين سر وضو ڪرڻو پوندو ۽ اهڙي معذور ماڻهوءَ جي لاءِ
حڪم هي آهي تہ جنهن نماز لاءِ وضو ڪيو هئائين ان نماز جيّ وقت گذرڻ
کان پوءِ ان جو وضو بہ ڀڄي پوندو هاڻي ٻي نماز جي لاءِ وضو بہ نئون ڪري
(ايضاً).

# نــفـاس جــو بــيـان

**مسئلہ:** ٻار پيدا ٿيڻ کان پوءِ اڳئين رستي کان جيڪو خون ايندو آهي ان کي نفاس چئبو آهي. نفاس جا وڌ ۾ وڌ چاليهہ ڏينهن ۽ چاليهہ راتيون هونديون آهن ۽ گهٽ ۾ گهٽ جي ڪا بہ حد مقرر نہ آهي. ولادت کان پوءِ جيڪڏهن هڪ اڌ گهڙي خون اچي ۽ بند ٿي وڃي تہ اهو بہ نفاس آهي (ايضاً).

**مسئلہ:** جيڪڏهن ٻار ڄمڻ کان بعد ڪنهن عورت کي بلڪل خون نہ آيو تڏهن بہ ان کي غسل ڪرڻ واجب آهي (ايضاً).

**مسئلہ:** اڌ کان وڌيڪ ٻار نڪري آيو مگر اڃا پورو نہ نڪتو، ان وقت جيڪو خون ظاهر ٿيندو اهو نفاس آهي ۽ جيڪڏهن ٻار اڃا اڌ کان گهٽ نڪتو آهي ان وقت جيڪو خون ظاهر ٿيو اهو استحاضہ آهي.

جيڪڏهن هوش ۽ حواس سالم اٿس تہ ان وقت بہ تيمم ڪري نماز پڙهي، نہ پڙهندي تہ گنهگار ٿيندي. انهيءَ حالت ۾ رڪوع ۽ سجده نہ ٿي ڪري سگهي تہ اشارن سان پڙهي پر نماز قضا نہ ڪري.

۽ جيڪڏهن نماز پڙهڻ جي ڪري ٻار جي ضايع ٿيڻ جو خطرو هجي تہ پوءِ نماز نہ پڙهي (ايضاً).

**تنبيہ:** مٿئين مسئلي مان نہ صرف نماز جي اهميت بلڪ پوري وقت تي پڙهڻ جي اهميت بہ واضح ٿئي ٿي.

عورتن جي لاءِ هي تمام نازڪ وقت هوندو آهي. اُن وقت هن جي موت ۽ حياتيءَ جو سوال آهي پر شريعت مطهره انهي حالت ۾ بہ نہ صرف نماز پڙهڻ جو حڪم ڪيو آهي پر پوري وقت تي پڙهڻ جو حڪم ڪيو

آهي. اهي مرد و خواتين هن مسئلي مان سبق حاصل ڪن جو بغير ڪنهن سبب جي يا ڪنهن معمولي عذر جي ڪري يا تہ نماز ئي نہ ٿا پڙهن ۽ ڪي پڙهندا آهن تہ بہ وقت ٽاري قضا ڪري پڙهندا آهن (مؤلف).

**مسئلو:** ڪنهن عورت جو حمل ڪري پيو، پوءِ ڏسبو جيڪڏهن ٻار جا ڪجهہ عضوا ٺهيل آهن تہ پوءِ ٻار جي ڄڻ کان پوءِ جيڪو خون ايندو ان کي نفاس چئبو ۽ جيڪڏهن ڪو بہ عضوو ٺهيل نہ آهي، صرف گوشت جو ٽڪرو آهي تہ پوءِ ان خون کي نفاس نہ چئبو.

پوءِ جيڪڏهن ٽي ڏينهن يا ان کان بہ زياده ڏينهن خون جاري رهيو ۽ ٻار ڄڻ کـان اڳ ۾ پندرهن ڏيهن پاڪ بہ رهي هجي تہ پوءِ اهو خـون حيض جو سمجهيو ويندو.

۽ جيڪڏهن ٽن ڏينهن کان گهٽ خون جاري رهڻ کان پوءِ بند ٿي ويو يا خون تہ ٽي ڏينهن جاري رهيو پر ٻار ڄڻ کان اڳ ۾ پندرهن ڏينهن پاڪائيءَ جي حـالت ۾ نہ گذريا هوندا تہ پوءِ اهو خـون استـحـاضـہ جـو سمجهيو ويندو (ايضاً).

**مسئلو:** ٻار ڄمڻ کان پوءِ چاليهن ڏينهن تي خون بند نہ ٿيو، پوءِ جيڪڏهن هن عورت کي هي پهريون ٻار آهي يا ٻار تہ اڳ ۾ بہ ڄڻيا اٿئين پر هن کي يادگيرو نہ آهي تہ اڳئين ٻار پيريءَ ڪيترا ڏينهن خون هليو هيو تہ پوءِ ان عورت لاءِ حڪم هي آهي تہ چاليهن ڏينهن تائين خون کي نفاس سمجهي انهن ڏينهن جون نمازون معاف آهن چاليهن ڏينهن کان وڌيڪ جيڪو خون هلي تو ان کي استحاضہ سمجهي، تنهنڪري هاڻي خون جي بند ٿيڻ جـو انتظار نہ ڪري بلڪ جلدي غسل ڪري نماز شروع ڪري (ايضاً).

۽ جيڪڏهن هن کان اڳ ۾ ٻار ڄڻيا اٿئين ۽ ان کي پنهنجي عادت معلوم آهي تہ هيترا ڏينهن نفاس ايندو آهي تہ پوءِ عادت وارن ڏينهن کي نفـاس سـمـجهي، انهن ڏينهن جـون نمازون مـعـاف آهن ۽ ان کـان وڌيڪ

جيڪي ڏينهن گذريا انهن کي استحاضہ سمجهي انهن ڏينهن جون نمازون قضا ڪري (ايضاً).

**مسئلہ:** جيڪڏهن پورا چاليهہ ڏينهن نفاس اچڻ جي عادت اٿس، يا اهو ياد نہ اٿس تہ اڳئين ڀار ڀيري ڪيترا ڏينهن نفاس آيو هو تہ اها عورت بہ چاليهن ڏينهن کان پوءِ خون جي بند ٿيڻ جو انتظار نہ ڪري جلدي غسل ڪري نماز شروع ڪري (بهار شريعت حصو دوم ص – ۴۵)

**مسئلہ:** ڪنهن عورت جي ٽيهہ ڏينهن نفاس اچڻ جي عادت هئي پر هڪ دفعي ٽيهہ ڏينهن گذري ويا پر خون بند نہ ٿيو، ان عورت جي لاءِ حڪم هي آهي تہ نہ غسل ڪري ۽ نہ نماز پڙهي بلڪ خون جي بند ٿيڻ جو انتظار ڪري. جيڪڏهن پورن چاليهن ڏينهن تي بہ خون بند نہ ٿيو تہ پوءِ خون جي بند ٿيڻ جو انتظار نہ ڪري بلڪ يڪدم غسل ڪري ٽيهہ ڏينهن نفاس جا شمار ڪري انهن ڏينهن جون نمازون معاف آهن ۽ باقي ڏهن ڏينهن جون نمازون قضا ڪري (بهشتي زيور).

**مسئلہ:** جيڪڏهن چاليهن ڏينهن کان اڳ ۾ نفاس جو خون بند ٿي وڃي تہ يڪدم غسل ڪري نماز پڙهڻ شروع ڪري ۽ جيڪڏهن غسل ڪرڻ ۾ صحت جو نقصان سمجهي ٿي تہ پوءِ تيمم ڪري نماز پڙهي باقي نماز هرگز قضا نہ ڪري (ايضاً).

**تنبيهہ:** مسئلي کان ناواقفيت جي ڪري ڪي عورتون خون جي بند ٿيڻ جي باوجود چاليهن ڏينهن تائين پاڻ کي ناپاڪ سمجهنديون آهن، تنهنڪري نہ غسل ڪنديون آهن ۽ نہ نماز پڙهنديون آهن. صحيح مسئلي جي معلوم ٿيڻ کان پوءِ انهن کي هرگز ائين نہ ڪرڻ گهرجي (هماري نماز ص – ۴۷)

**مسئلہ:** نفاس جي حالت ۾ نماز، روزي ۽ صحبت جا ساڳيا احڪام آهن جيڪي مٿي حيض جي مسائل ۾ بيان ٿي آيا (بهشتي زيور).

## هڪ اتفاقي عجيب مسئلو

**مسئلو:** جيڪڏهن ڪنهن عورت هڪ ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ڇهن مهينن جي اندر اندر ٻيو ٻار ڄڻيو ته ان کي هڪ ئي حمل سمجهيو ويندو ۽ نفاس جي ڏينهن جو حساب پهرين ٻار جي پيدائش واري ڏينهن کان ڪيو ويندو.

مثلاً ڪنهن عورت کي هڪ ٻار جي پيدا ٿيڻ کان ڏهن، ويهن يا هڪ ٻن مهينن کان پوءِ ٻيو ٻار پيدا ٿيو ته ان کي هڪ ئي حمل سمجهيو ويندو ۽ نفاس جي ڏينهن جو حساب پهرئين ٻار جي پيدائش واري ڏينهن کان ڪيو ويندو. يعني پهرئين ٻار جي پيدائش کان پوءِ چاليهه ڏينهن نفاس جا شمار ڪيا ويندا. چاليهه ڏينهن کان پوءِ به جيڪڏهن خون بند نه ٿئي ته پوءِ ان خون کي استحاضه سمجهيو ويندو ڇو ته اهو خون ٻئي ٻار جي پيدا ٿيڻ جي ڪري شروع ٿيو آهي.

۽ جيڪڏهن ٻنهي ٻارن جي وچ ۾ ڇهن مهينن کان وڌيڪ وقفو آهي ته پوءِ ٻئي ٻار کي ٻيو حمل سمجهيو ويندو. تنهنڪري ٻئي ٻار جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ واري خون کي به نفاس سمجهيو ويندو (ايضاً).

## حيض ۽ نفاس جي حڪمن جو بيان

**مسئلو:** جيڪڏهن عورت حيض سان هجي يا نفاس سان يا جنهن مرد يا عورت تي غسل ڪرڻ واجب هجي ان کي مسجد ۾ وڃڻ ۽ ڪعبة الله شريف جو طواف ڪرڻ ۽ قرآن مجيد جو پڙهڻ ۽ قرآن مجيد کي هٿ لائڻ درست نه آهي. البته جيڪڏهن قرآن مجيد ٿيلهي ۾ يا رومال ۾ ويڙهيل هجي يا ان تي ڪپڙي وغيره جي چولي چڙهيل هجي ۽ اها جلد سان سبيل نه هجي بلڪه الڳ هجي، جيڪڏهن لاهڻ گهري ته آسانيءَ سان لهي سگهي ته اهڙي ٿيلهي يا رومال وغيره سميت قرآن پاڪ کي کڻڻ ۽ رکڻ درست آهي (بهشتي زيور).

**مسئلو:** جنهن کي وضو نہ هجي تنهن کي بہ قرآن مجيد کي هٿ لائڻ درست نہ آهي. البتہ زباني پڙهڻ جائز آهي (ايضاً).

**مسئلو:** جنهن رپئي يا پيسي تي يا ڪنهن ٿانوَ تي يا تعويذ ۾ يا ڪنهن ٻي شي تي جيئن ڪولا بو (هٿ ۾ پائڻ واري پٽ جي ڪڙي) قرآن پاڪ جي ڪا آيت لکيل هجي تہ ان کي بہ هٿ لائڻ درست نہ آهي. البتہ جيڪڏهن ڪنهن ٿيلهي ۾ يا ڪنهن پيتيءَ وغيره ۾ رکيل هجن تہ انهي ٿيلهيءَ ۽ پيتيءَ کي هٿ لائڻ ۽ کڻڻ جائز آهي (ايضاً).

**مسئلو:** بدن تي پاتل چولي جي دامن يا رئو هٿ کي ويڙهي قرآن مجيد کي هٿ لائڻ ۽ کڻڻ درست نہ آهي. البتہ جيڪڏهن بدن کان الڳ ڪو ڪپڙو هجي جيئن ڪو رومال وغيره تہ اهو هٿ کي ويڙهي پوءِ کڻڻ جائز آهي (ايضاً).

**مسئلو:** قرآن مجيد جي پوري آيت پڙهڻ جائز نہ آهي. البتہ آيت جو فقط هڪ لفظ يا اڌ آيت پڙهڻ جائز آهي پر اها اڌ آيت ايتري وڏي بہ نہ هجي جو ڪنهن پوري ننڍي آيت جي برابر ٿي وڃي (ايضاً).

**مسئلو:** جيڪڏهن الحمد شريف جي پوري سورت دعا جي نيت سان پڙهي يا قرآن پاڪ ۾ آيل ٻيون دعائون دعا جي نيت سان پڙهڻ جائز آهن، ان ۾ ڪو بہ گناهہ نہ آهي باقي تلاوت جي نيت سان پڙهڻ جائز نہ آهي. جيئن هي آيت :

رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْآخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ

يا هيءَ دعا:

رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَا إِنْ نَّسِيْنَا أَوْ أَخْطَأْنَا

پچاڙيءَ تائين جيڪا سورة بقر جي آخر ۾ آهي يا ان کان علاوه ٻي ڪا بہ دعا جيڪا قرآن پاڪ ۾ آيل هجي. دعا جي نيت سان سيني جو پڙهڻ جائز آهي (ايضاً).

**مسئلو:** جيڪڏهن ڪا عورت ڇوڪرين کي قرآن شريف

پڙهائيندي هجي تہ اهڙي حالت ۾ هجي (جوڙ) ڪرائڻ جائز آهي ۽ روان پڙهائڻ وقت پوري آيت نہ پڙهائي بلڪہ هڪ هڪ يا ٻہ ٻہ لفظن کان پوءِ ساهي پٽي ۽ لفظن کي الڳ الڳ ڪري آيت پوري ڪرائي. (ايضاً).

**مسئلہ:** ڪلمو شريف ۽ درود شريف پڙهڻ، خدا تعاليٰ جو پاڪ نالو وٺڻ، استغفار پڙهڻ يا ٻيو ڪوئي وظيفو پڙهڻ جيئن لَاحَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ وغيره پڙهڻ جي اجازت آهي.

**مسئلہ:** حيض جي زماني ۾ مستحب آهي تہ نماز جي وقتن تي وضو ڪري ڪنهن پاڪ جاءِ تي ڪجهہ وقت ويهي الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري جيئن نماز جي عادت ڇڏائجي نہ وڃي ۽ پاڪ ٿيڻ کان پوءِ نماز پڙهڻ کان دل نہ گهبرائي.

**مسئلہ:** ڪنهن عورت کي غسل ڪرڻ جي ضرورت هئي ۽ اڃا غسل نہ ڪيو هئائين جو حيض اچي ويو تہ هاڻي ان کي غسل ڪرڻ واجب نہ آهي بلڪ جڏهن حيض کان پاڪ ٿي وڃي تہ پوءِ غسل ڪري هڪ ئي پيري غسل ڪرڻ ٻنهي لاءِ ڪافي ٿي ويندو (ايضاً).

**مسئلہ:** حيض واري مڪہ مڪرمہ مان رواني ٿيڻ کان اڳ ۾ حيض يا نفاس کان پاڪ ٿي وئي تہ ان تي طواف وداع يعني موڪلاڻيءَ جو طواف ڪرڻ واجب آهي.

مڪہ مڪرمہ ۽ حدود ميقات مان نڪرڻ کان پوءِ پاڪ ٿي تہ هاڻي هن جي لاءِ ضروري نہ آهي تہ واپس مڪي پاڪ ۾ اچي ۽ طواف وداع ڪري ۽ جيڪڏهن ڪنهن بہ سبب سان واپس مڪي پاڪ ۾ آئي تہ پوءِ طواف وداع واجب ٿيندو.

جيڪڏهن مڪي پاڪ مان ناپاڪائيءَ جي حالت ۾ نڪتي پر اڃا حدود ميقات جي اندر ئي هئي تہ پاڪ ٿي وئي تہ پوءِ جيڪڏهن سواريءَ جي نڪري وڃڻ يا ساٿين کان جدائيءَ جي مجبوري نہ هجي تہ پوءِ واپس مڪي پاڪ ۾ اچي طواف ڪري ۽ جيڪڏهن اهڙي ڪا بہ مجبوري آهي تہ

پوءِ ان تي طواف وداع واجب نہ آهي.

۽ جيڪڏهن مڪه مڪرمه مان رواني ٿيڻ کان اڳ ۾ پاڪ ٿي پر نہ اجا غسل ڪيائين ۽ نہ نماز جو هڪ وقت گذريو ۽ هيڏانهن هلڻ جو سرڪاري حڪم ٿيو تہ ان صورت ۾ طواف وداع واجب نہ آهي (بهار شريعت حصو ۴ ص - ۵۶)

## متفرق ۽ مشترڪ بيان

**مسئلہ:** حيض ۽ نفاس جي مدت ۾ هي ضروري نہ آهي تہ هر وقت خون جاري رهي بلڪہ جيڪڏهن حيض جي مدت ۾ ڪنهن ڪنهن مهل خون ظاهر ٿئي ٿو تہ بہ ان کي حيض سمجهيو ويندو. بلڪ جيڪڏهن نفاس جي مدت ۾ پندرهن ڏينهن تائين خون ظاهر نہ ٿيو تہ بہ انهن ڏينهن کي حڪم جي اعتبار سان نفاس جي ڏينهن ۾ شمار ڪيو ويندو (بهار شريعت حصو دوم ص ۴۲)

**مسئلہ:** ڪنهن عورت کي ٽي ڏينهن يا ان کان بہ زياده ڏينهن خون جاري رهڻ کان پوءِ بند ٿي ويو. ان کان پوءِ اجا پاڪائي جي گهٽ ۾ گهٽ مدت جا پندرهن ڏينهن بہ نہ گذريا تہ وري خون شروع ٿي ويو ۽ پوءِ هميشه لاءِ جاري ٿي ويو ۽ هن کي هي ياد نہ آهي تہ گذريل مهيني ۾ ڪيترا ڏينهن خون آيو هو ۽ نہ هي ياد اٿس تہ ڪهڙي تاريخ تي خون شروع ٿيو ۽ ڪهڙي تاريخ تي بند ٿيو هو، تہ ان جي لاءِ اُن عورت وارو حڪم آهي جنهن کي پهريون دفعو خون آيو ۽ هميشه لاءِ جاري ٿي ويو (اهو حڪم هي آهي تہ هر مهيني ۾ ڏهہ ڏينهن حيض جا شمار ڪري انهن ۾ حيض جي حڪمن تي عمل ڪري ۽ ويهہ ڏينهن پاڪائيءَ جا شمار ڪري انهن ڏينهن ۾ پاڪائيءَ جي حڪمن تي عمل ڪندي نمازون ۽ روزا ادا ڪري) پوءِ جيستائين اهو عارضو اٿس تيستائين انهي حساب سان پاڪائي ۽ ناپاڪائي جي حڪمن تي عمل ڪري. (ايضاً).

**مسئلو:** ڪنهن عورت جي هڪ عادت مقرر نه آهي بلڪ ڪڏهن مثلاً ڇهه ڏينهن ته ڪڏهن ست ڏينهن خون ايندو اٿس ته اهڙي عورت جو جيڪڏهن ڪنهن پيري هميشه لاءِ خون جاري ٿي ويو ته ان جي لاءِ حڪم هي آهي ته نماز ۽ روزي جي باري ۾ گهٽ ڏينهن يعني مٿي ڏنل مثال ۾ ڇهه ڏينهن حيض جا شمار ڪري ستين ڏينهن غسل ڪري نماز شروع ڪري. جيڪڏهن رمضان شريف جو مهينو هجي ته روزو به رکي مگر ست ڏينهن پورا ٿيڻ کان پوءِ يعني اٺين ڏينهن وري غسل ڪري، جيڪڏهن ستين ڏينهن تي فرضي روزو رکيو هئائين ته ان جي وري قضا ڪري.

۽ عدت جا ڏينهن پورا ڪرڻ ۽ مرد وٽ وڃڻ جي باري ۾ زياده ڏينهن يعني مٿي ڏنل مثال ۾ ست ڏينهن حيض جا شمار ڪري يعني عدت جي ڏينهن جي ڳاڻاٽي جي حساب سان ستون ڏينهن به حيض ۾ شمار ٿيندو. اهڙي طرح مرد وٽ وڃڻ جي لحاظ سان به ستون ڏينهن حيض ۾ شمار ٿيندو يعني ستين ڏينهن قربت جائز نه آهي (ايضاً).

مسئلو: ڪنهن عورت کي پنهنجي عادت معلوم آهي ته فلاڻي تاريخ تي مون کي حيض ايندو آهي ۽ هيترا ڏينهن هلندو آهي، پر هڪ دفعي مقرر تاريخ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ خون ظاهر ٿيو چند ڪلاڪ يا منٽ جاري رهڻ کان پوءِ وري بند ٿي ويو ان کان پوءِ ڏهن ڏينهن تائين خون نه آيو ۽ يارهين ڏينهن وري خون ظاهر ٿيو ته هاڻي ان جي لاءِ حڪم هي آهي ته خون جي نه اچڻ وارن ڏينهن مان پنهنجي مقرر عادت وارن ڏينهن کي حيض شمار ڪري ۽ باقي ڏينهن کي استحاضه سمجهي.

۽ جيڪڏهن حيض جي اچڻ جي تاريخ ته مقرر هئي پر حيض جا ڏينهن مقرر نه هئا (يعني ڪڏهن پنج ته ڪڏهن ست) ته پوءِ ان جي لاءِ حڪم هي آهي ته خون جي نه اچڻ وارن ڏهن ئي ڏينهن کي حيض شمار ڪري (ايضاً).

**مسئلو:** ڪنهن عورت کي ٽن ڏينهن کان زياده خون اچڻ جي عادت

هئي پر هڪ دفعي ٽن ڏينهن کان پوءِ خون بند ٿي ويو پر سفيد رطوبت (آلاڻ) عادت جي ڏينهن تائين ايندي رهي، ته هاڻي اها عورت صرف خون وارا ٽي ڏينهن حيض ۾ شمار ڪري ۽ سفيد رطوبت جو ڪو اعتبار نه آهي، ۽ هيئن سمجهي ته هن دفعي اڳوڻي عادت متجي وئي (ايضاً).

**مسئلو:** ڪنهن عورت کي ٽن ڏينهن کان گهٽ خون جاري رهڻ کان پوءِ بند ٿي ويو ته اها عورت وضو ڪري نماز پڙهي ۽ جيڪڏهن روزو رکڻو آهي ته روزو به رکي ان کي غسل ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. هن جون نمازون ۽ روزا صحيح ٿي ويندا پر ان ۾ هي شرط آهي ته خون جي بند ٿيڻ کان پوءِ پندرهن ڏينهن تائين خون نه اچي.

پر جيڪڏهن پندرهن ڏينهن جي اندر اندر وري خون شروع ٿي ويو ته هاڻي اها عورت خون جي بند ٿيڻ کان پوءِ غسل ڪري عادت وارن ڏينهن کي حيض جا ڏينهن شمار ڪري انهن ڏينهن جون نمازون قضا نه ڪري ۽ عادت وارن ڏينهن کان بعد واري خون کي استحاضه سمجهي جيئن ته انهن ڏينهن ۾ غسل ڪرڻ کان سواءِ نمازون پڙهيون هئائين تنهن ڪري اهي نمازون وري قضا ڪري ۽ پوءِ هميشه پڙهندي رهي.

جيڪڏهن ان عورت جي ڪا به عادت مقرر نه آهي ته پوءِ اها ڏهه ڏينهن ۽ ڏهه راتيون حيض ۾ شمار ڪري انهن ڏينهن جون نمازون معاف آهن باقي بين ڏينهن جون نمازون غسل نه ڪرڻ جي ڪري ٻيهر قضا ڪري پڙهي.

البته جيڪڏهن عادت وارن ڏينهن جي گذرڻ کان پوءِ يا بي عادت واريءَ (يعني جنهن جي ڪا به مقرر عادت نه هجي يا اجا هي پهريون حيض اٿس) ڏهن ڏينهن جي گذرڻ کان پوءِ غسل ڪيو هو ته پوءِ انهن ڏينهن جون نمازون به صحيح ٿي ويون انهن جي قضا ڪرڻ جي ضرورت نه آهي.

۽ جيڪڏهن عادت وارن ڏينهن ۾ روزا رکيا هئائين ته پوءِ اهي روزا قضا ڪري رکڻا پوندا، ڇو ته حيض جي ڏينهن وارا روزا به قضا ڪري

رڪثا پوندا آهن، ۽ عادت جي ڏينهن کان بعد وارا روزا صحيح ٿي ويا ڇو ته عادت جي ڏينهن جي گذرڻ کان پوءِ غسل ڪري روزا رکيا هئائين (بهار شريعت حصو دوم ص - ۴٦)

**مسئلو:** حيض واريءَ جو خون ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون جاري رهڻ کان پوءِ بند ٿيويو. حالانڪ هن جي عادت ٽن ڏينهن کان زياده جي هئي يا نفاس جو خون عادت جي پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ بند ٿيويو ته هاڻي اها عورت غسل ڪري نماز شروع ڪري عادت جي ڏينهن جو انتظار نه ڪري (ايضاً).

**مسئلو:** رات جو سمهڻ مهل حيض کان پاڪ هئي ۽ صبح جو اٿڻ کان پوءِ حيض جو اثر ڏٺائين ته هاڻي جنهن وقت کان حيض جو اثر ڏٺائين ان وقت کان وٺي حيض جو حڪم لڳايو ويندو. جيڪڏهن سمهڻ کان اڳ ۾ عشا جي نماز نه پڙهي هئائين ته حيض کان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ ان جي قضا فرض آهي ڇو ته سمهڻ وقت حيض کان پاڪ هئي (ايضاً).

**مسئلو:** ڪا عورت حيض کان پاڪ ٿي ۽ پاڻيءَ سان غسل ڪرڻ ۾ صحت جو نقصان سمجهي ڪري غسل جي نيت سان تيمم ڪيائين، تيمم ڪرڻ کان پوءِ اها عورت نماز پڙهي سگهي ٿي پر ان عورت سان صحبت تيستائين جائز نه آهي جيستائين غسل واري تيمم کان پوءِ نماز جو هڪ وقت ادا نه ڪري، نماز جو هڪ وقت ادا ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن پاڻيءَ جي استعمال ڪرڻ تي قادر ٿي ٻه وڃي پر هاڻي بغير غسل ڪرڻ جي ٻه هن سان صحبت ڪرڻ جائز آهي (ايضاً).

**مسئلو:** ڪنهن عورت کي هڪ يا ٻه ڏينهن خون جاري رهڻ کان پوءِ بند ٿي ويو پر ڏهن ڏينهن کان اڳ ۾ وري خون شروع ٿي ويو ۽ پورن ڏهن ڏينهن تي وري بند ٿي ويو ته اهي ڏهه ئي ڏينهن حيض ۾ شمار ڪيا ويندا.

۽ جيڪڏهن ڏهن ڏينهن کان پوءِ ٻه خون جاري رهيو ته پوءِ جيڪڏهن هن کي پنهنجي اڳوڻي عادت ياد آهي ته عادت وارن ڏينهن کي

حيض ۾ شمار ڪري ۽ باقي ڏينهن کي استحاضہ سمجهي.

۽ جيڪڏهن اڳوڻي عادت ياد نہ آهي تہ پوءِ ڏهہ ڏينهن حيض ۾ شمار ڪري ۽ باقي ڏينهن کي استحاضہ سمجهي (ايضاً).

**مسئلو:** حيض يا نفاس جو خون عادت جا ڏينهن پورا ٿيڻ کان اڳ ۾ بند ٿي ويو تہ پوءِ نماز جي آخري مستحب وقت تائين غسل نہ ڪري بلڪ انتظار ڪري تہ متان وري خون ظاهر ٿي پوي پر آخري وقت جي ختم ٿيڻ کان ايترو وقت اڳ ۾ غسل ڪرڻ شروع ڪري جو غسل مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ مستحب وقت ايترو هجي جو ان ۾ آرام سان نماز پڙهي سگهي.

۽ جيڪڏهن عادت وارا ڏينهن پورا ٿيڻ کان پوءِ خون بند ٿي ويو تہ پوءِ نماز جي آخري وقت تائين انتظار ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي بلڪ جيتري قدر جلد ٿي سگهي غسل ڪري۽ اول وقت ۾ نماز ادا ڪري (ايضاً).

**مسئلو:** حيض واريءَ کي پاڻ سان گڏ ڪارائڻ ۽ گڏ سمهارڻ جائز آهي بلڪ حيض جي ڪري پاڻ سان گڏ نہ ڪارائڻ ۽ نہ سمهارڻ مڪروہ آهي (ايضاً).

**مسئلو:** جيڪڏهن گڏ سمهڻ ۾ شهوت جي غلبي سبب پاڻ کي قابو نہ رکڻ جو احتمال هجي تہ پوءِ گڏ نہ سمهي ۽ جيڪڏهن پاڻ تي ڪنٽرول نہ ڪرڻ جو غالب گمان هجي تہ پوءِ گڏ سمهڻ گناهہ آهي (ايضاً).

# احڪام معذور

**مسئلہ:** نماز جي اول وقت ۾ تہ هن کي ڪو بہ عذر نہ هيو پر ان وقت نماز نہ پڙهيائين ۽ نماز جي آخري وقت ۾ جڏهن نماز پڙهڻ جو ارادو ڪيائين تہ استحاضہ جو خون يا ٻي ڪا بہ اهڙي بيماري نڪهير وغيره شروع ٿي وئي (جنهن سان وضو پڇي پوندو هجي) ۽ هن کي يقين ٿي ويو تہ نماز جو اهو آخري پورو وقت انهي حالت ۾ گذري ويندو تنهن ڪري پاڻ کي معذور سمجهندي تيمم ڪري نماز پڙهيائين تہ پوءِ انهي مسئلي جون ٻہ صورتون ٿينديون پهرين صورت هي آهي تہ هن نماز کان بعد ٻي نماز جو پورو وقت جيڪڏهن انهي حالت ۾ گذري ويو تہ پوءِ اها نماز جيڪا تيمم ڪري پڙهي هئائين سا ٿي وئي. ۽ ٻي صورت هي آهي تہ جيڪڏهن ٻي نماز جي وقت ۾ فرض نماز پڙهڻ جيترو وقت وقفو مليو ويو جنهن ۾ وضو ڪري پوريءَ پاڪائيءَ سان نماز پڙهيائين تہ پوءِ پهرين نماز (جيڪا تيمم ڪري پڙهي هئائين) سا موٽائڻي پوندي. (بهار شريعت حصہ دوم ص - ٤٨)

**مسئلہ:** خون بند نہ ٿيڻ جي صورت ۾ پاڻ کي معذور سمجهندي خون وهندي ۾ وضو ڪيائين، وضو ڪرڻ کان پوءِ خون بند ٿي ويو ۽ انهي وضوءَ سان نماز پڙهيائين ۽ ان کان پوءِ وري جڏهن ٻي نماز جو وقت آيو اهو بہ پورو ائين گذري ويو جو خون ظاهر نہ ٿيو تہ هاڻي جيڪا اڳ ۾ نماز پڙهي هئائين سا وري ٻيهر پڙهي ۽ جيڪڏهن نماز پڙهندي خون ٻيهي ويو ۽ ان کان پوءِ جڏهن ٻي نماز جو وقت آيو تہ بہ وري خون ظاهر نہ ٿيو تہ هاڻي اها نماز جنهن جي پڙهڻ جي دوران خون بند ٿيو هيو اها موٽائي پڙهي.

**مسئلہ:** جنهن فرض نماز جي لاءِ معذور وضو ڪري فرض پڙهيو هيو انهي فرض نماز جي وقت ختم ٿيڻ کان پوءِ معذور جو وضو پڇي

پوندو، جيئن ڪنهن معذور عصر نماز لاءِ وضو ڪيو هو ته هاڻي سج لهندي ئي هن جو وضو ڀڄي پوندو، مغرب نماز لاءِ وري وضو ڪري.

۽ جيڪڏهن اهڙي معذور سج اڀرڻ کان پوءِ وضو ڪيو ۽ انهيءَ وضو سان ظهر جي نماز پڙهيائين، ظهر نماز پڙهڻ کان پوءِ جيستائين ظهر نماز جو وقت هوندو تيستائين هن جو وضو به نه ڀڄندو، ظهر نماز جو وقت ختم ٿيڻ کان پوءِ هن جو وضو ڀڄي پوندو. عصر نماز لاءِ وري نئين سر وضو ڪري.

**مسئلو:** جنهن عذر جي ڪري ڀاڻ کي معذور سمجهندي انهيءَ حالت ۾ وضو ڪري نمازون ٿي پڙهيائين، ڪنهن ڏينهن تي وضو ڪرڻ وقت، اهو عذر (جيئن خون جو مسلسل وهڻ يا پيشاب جو بار بار اچڻ وغيره) نه هيو. وضو ڪرڻ کان پوءِ نماز جي پوري وقت ۾ اها بيماري ظاهر نه ٿي ته هاڻي هن ماڻهوءَ تي معذور وارو حڪم نه لڳندو يعني صرف نماز جي وقت ختم ٿيڻ سان هن جو وضو نه ڀڄندو.

اهڙي طرح جيڪڏهن وضو کان اڳ ۾ ته اها بيماري ظاهر هئي مگر وضو ڪرڻ کانپوءِ نه انهي نماز جي وقت ۾ بيماري ظاهر ٿي ۽ نه ئي نماز جي وقت ۾ بيماري ظاهر ٿي ته هن جي لاءِ به اهوئي حڪم آهي ته صرف وقت جي گذرڻ سان هن جو وضو نه ڀڄندو.

**مسئلو:** نماز جي وقت ۾ وضو ڪرڻ کان اڳي ۽ پوءِ بيماري ظاهر هئي يا وضو ڪرڻ کان اڳ ۾ ته بيماري ظاهر نه هئي پر وضو ڪرڻ وقت اها بيماري ظاهر ٿي پئي ۽ وضو ڪرڻ کان پوءِ انهي نماز جي پوري وقت ۾ وري بيماري ظاهر نه ٿي پرانهي نماز کان پوءِ ئي نماز جي وقت ۾ اها بيماري ظاهر ٿي پئي، ته هاڻي انهي نماز جي وقت ختم ٿيڻ سان ئي وضو ڀڄي پوندو اگرچه اهو عذر ظاهر نه ٿئي.

**مسئلو:** جيڪڏهن نڪ جي هڪڙي ناس مان خون وهي رهيو آهي ڪنهن به ترڪيب سان بند نه پيو ٿئي، تنهن ڪري ڀاڻ کي معذور سمجهي

انهي حالت ۾ وضو ڪيائين، وضو ڪرڻ ڪان پوءِ وري ٻي ناس مان خون وهڻ شروع ٿيو تہ وضو ڀڄي پوندو. اهڙي طرح هڪ زخم مان رت يا گند وهي رهيو هيو، پاڻ کي معذور سمجهي انهي حالت ۾ وضو ڪيائين، وضو ڪرڻ ڪان پوءِ وري ٻئي زخم مان رت يا گندِ نڪتو تہ وضو ڀڄي پوندو ايستائين جو ماتا جي هڪ داڻي مان پاڻي نڪري رهيو هو وضوءَ ڪان پوءِ وري ٻئي داڻي مان نڪرڻ شروع ٿيو تہ وضو ڀڄي پوندو.

**مسئلہ:** جيڪڏهن ڪنهن ترڪيب سان عذر ختم ٿي سگهي ٿو يا گهٽجي سگهي ٿو تہ اها ترڪيب ڪرڻ فرض آهي.

مثلاً بيٺي نماز پڙهندي خون وهي ٿو ۽ ويٺي نماز پڙهڻ سان خون بند ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ ويهي پڙهڻ فرض آهي.

**مسئلہ:** معذور کي اهڙو عذر آهي جنهن جي ڪري ڪپڙا پليد ٿي وڃن ٿا پوءِ جيڪڏهن چانديءَ جي رپئي جي پکيڙ ڪان زياده پليدي لڳي وئي پوءِ سوچ ڪري ڏسي تہ جيڪڏهن پليديءَ کي ڌوئي پاڪ ڪپڙن سان نماز پڙهي سگهندس تہ پوءِ پليديءَ کي ڌوئي نماز پڙهڻ فرض آهي.

۽ جيڪڏهن پليديءَ جي نڪرڻ مان اهو اندازو لڳائي ٿو تہ نماز پڙهندي پڙهندي وري ايتري پليدي لڳي ويندي تہ پوءِ ڌوئڻ ضروري نہ آهي، انهن ڪپڙن سان نماز پڙهي. جيڪڏهن اها پليدي مصلي کي لڳي وئي تہ بہ پرواهہ نہ آهي نماز ٿي ويندي.

جيڪڏهن اها پليدي رپئي جي پکيڙ جي برابر آهي تہ پوءِ پهرين صورت (يعني جنهن ۾ ڪپڙي جي ڌوئڻ جيتري مهلت ملي وڃي ٿي) ۾ ڌوئڻ واجب آهي، ۽ جيڪڏهن رپئي جي پکيڙ ڪان پليدي گهٽ لڳل آهي تہ پوءِ ان جو ڌوئڻ سنت آهي ۽ ٻي صورت (يعني جنهن ۾ ڪپڙي جي ڌوئڻ جيتري مهلت نہ ٿي ملي) ۾ ان جو ڌوئڻ ضروري تہ آهي. (بهار شريعت حصو دوم ص - ۴۳ تا ۴۹)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# آخرت جي سفر جي تياري

## كل نفس ذائقه الموت

هر جاندار کي موت جو ذائقو چکڻو آهي.

جنازي جي نماز پڙهڻ، قبر ٺاهڻ ۽ دفن ڪرڻ مردن جو ڪم آهي پر عورت جي جنازي کي غسل ڏيڻ، ڪفن ٺاهڻ ۽ پارائڻ عورتن جو ذمون آهي. ڏاڏي، ناني، ماسي ۽ ڀيڻ وڏڙين جي آسري تي رهڻ سٺي سوچ نه آهي. خدا پناهه ڏئي، تي سگهي ٿو ڪو اهڙو وقت سر تي اچي وڃي جو وڏڙين مان ڪا به موجود نه هجي پر اڪثر ويچارين وڏڙين کي صحيح ڄاڻ به نه آهي تنهن ڪري انهن مسئلن جو سکڻ هر عورت لاءِ ضروري آهي. اهڙن موقعن تي پلي وڏڙيون اهو ڪم سرانجام ڏين پر هي ڪتاب سامهون رکي ڏسو ڪٿي غلطي ته نه ٿيون ڪن. جيڪڏهن ڪا غلطي نظر اچي ته پيار، محبت ۽ ادب سان انهن کي سمجهايو ۽ وڏڙين کي به گهرجي ته پنهنجي اڳوٽي ڄاڻ کي صحيح سمجهي ڪنهن به مسئلي تي هرويرو ضد نه ڪن. هي شرعي معاملو آهي. شريعت جا مسئلا عالمن وٽان ۽ انهن جي لکيل ڪتابن مان ئي معلوم ٿيندا آهن تنهنڪري هن معاملي ۾ ضد يا بحث مباحثي جي گنجائش نه آهي بس جيئن شريعت چوي تيئن ان تي عمل ڪرڻ گهرجي. (مؤلف)

### غسل ڏيڻ جو بيان

جنهن تختي يا کٽ تي غسل ڏيڻ جو ارادو هجي ان کي ٽي يا پنج يا ست ڀيرا اگر بتيءَ سان واس ڏجي، پوءِ ميت کي (جيئن آساني هجي

يعني قبلي جي طرف پير ڪري جيئن مريض کي نماز پڙهڻ لاءِ سمهاريو ويندو آهي يا ڏکڻ پير ڪري جيئن قبر ۾ رکڻ جو دستور آهي) ان تي سمهاريو وڃي. ان جاءِ تي پردو ڪرڻ مستحب آهي جو غسل ڏيارينڊڙ ۽ ان جي مددگار کان سواءِ ٻيو ڪو به نه ڏسي. ميت کي سمهارڻ کان پوءِ ان جا ڪپڙا لاهجن، چولو چاڪ ڪري لاهجي ۽ دن کان وٺي گوڏن تائين بدن کي چادر سان ڍڪي پوءِ هيٺيون ڪپڙو لاهجي.

**مسئلو:** افضل آهي ته غسل ڏيارينڊڙ پهريان پاڻ وضو ڪري پوءِ غسل ڏياري.

## غسل جي تياري ۽ ان جي لاءِ گهربل سامان

سڀ کان پهريان غسل جي لاءِ پاڻيءَ ۾ ٻير جا پن وجهي نيم گرم ڪجي. غسل ڏيارڻ لاءِ دستانا (ڪپڙي جون ٿي ڳوٿريون) اڳوات تيار ڪجن جيڪڏهن دستانا اڳ ۾ تيار نه ٿي سگهيا هجن ته پوءِ هٿن تي ڪو ڪپڙو ويڙهي پوءِ غسل ڪرائجي. مطلب ته بغير ڪپڙي جي غسل نه ڪرائجي. بالخصوص اوگهڙجي حد ۾ بغير ڪپڙي جي بدن کي مهٽڻ يا استنجو ڪرائڻ ۽ ان ڏي نهارڻ گناهه آهي. اوگهڙ جي مٿان ڪپڙو ڏيئي پوءِ ان جي هيٺان بدن کي صابڻ هٿجي ۽ مهٽجي. شهر مان صابڻ، عطر، اگربتي ۽ ڪپه گهرائجي.

## غسل ڏيڻ جو مسنون طريقو:

غسل شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ کٻي هٿ تي دستانو چاڙهي مٽيءَ جي ٽن يا پنجن پٿرن سان ميت کي استنجو ڪرائجي. ان کان پوءِ پاڻيءَ سان ڌوئي پاڪ ڪجي. جيڪڏهن ڪا ظاهري پليدي لڳل هجي ته ان کي ڌوئي ڇڏجي. پوءِ کٻي هٿ تان اهو دستانو لاهي ڇڏجي. وري سڄي هٿ تي ٻيو نئون دستانو چاڙهجي. پوءِ هن طرح ميت کي وضو ڪرائجي. پهريان ڪپه جو ڦهو پاڻيءَ ۾ پسائي چپن، ڏندن، مهارن ۽ نڪ جي ٻنهي

ناسن تي گهمائجي ۽ جيڪڏهن جنابت (تڙ) يا حيض يا نفاس جي حالت ۾ انتقال ٿي ويو هجي ته پوءِ وات ۽ نڪ ۾ (جيترو ٿي سگهي) پاڻي وجهڻ ضروري آهي ۽ وري اهو پاڻي ڪپهه ۾ جذب ڪرائي ڪڍي ڇڏجي. ان کان پوءِ وات، نڪ ۽ ڪنن ۾ ڪپهه رکي ڇڏجي جيئن وضو ۽ غسل ڪرائڻ وقت پاڻي اندر نه وڃي. ان کان پوءِ منهن، پوءِ ٺوڙين سميت ٻانهون ڌوئجن، پوءِ مٿي جو مک ڪجي، پوءِ پير ڌوئجن، ان کان پوءِ مٿي جي وارن کي ڪنهن مسلمان ڪمپني جي ٺهيل صابڻ سان ڌوئجي. ان کان پوءِ ميت کي کاٻي پاسي تي ليٽائي سڄي پاسي تي مٿي کان وٺي پيرن تائين ايترو پاڻي وهائجي جو تختي سان لڳل جسم جي ڌوپڻ جو به يقين ٿي وڃي. پوءِ وري ساڄي پاسي تي ليٽائي ساڳي طرح پاڻي وجهجي. ان کان پوءِ ميت کي پنهنجي ٽيڪ تي ويهاري پوءِ ان جي پيٽ کي آهستي آهستي مهٽجي. جيڪڏهن ڪا پليدي ظاهر ٿئي ته ان کي ڌوئي ڇڏجي. ٻيهر وضو ۽ غسل ڪرائڻ جي ضرورت نه آهي (هن فقير جي راءِ هي آهي ته استنجا ڪرائڻ وقت به بهتر آهي ته پيٽ کي مهٽجي جيڪڏهن ڪا غلاظت ظاهر ٿئي ته ان وقت ئي ان کي ڌوئي پوءِ وضو ڪرائجي جيئن وضو ۽ غسل ڪرائڻ کان پوءِ پيٽ کي مهٽڻ جي صورت ۾ غلاظت جي ظاهر ٿيڻ جو تمام گهٽ احتمال هجي. والله اعلم) ان کان پوءِ کاٻي پاسي تي ليٽائي وري ٽيون دفعو به پاڻي وهائجي جيئن عدد مسنون حاصل ٿي وڃي ۽ هي به مسنون آهي ته هر پاسي جي ڌوئڻ وقت ٽي ٽي ڀيرا پاڻي هارجي، پاڻي هارڻ وقت صابڻ هٿي آهستي آهستي هٿ سان بدن کي مهٽجي.

غسل مڪمل ڪرائڻ کان پوءِ اهو مستعمل آلو دستانو لاهي نئون ۽ خشڪ دستانو هٿ تي چاڙهي پاڪ ۽ صاف ڪپڙي سان بدن کي اگهي خشڪ ڪجي. غسل ڏيارڻ وقت اوگهڙ تي جيڪو ڪپڙو ڏنو ويو هو ان جي مٿان ٻيو خشڪ ڪپڙو ڏيئي اهو آلو ڪپڙو ڪڍي وٺجي. (رڪن دين، همارا اسلام، بهشتي زيور، احڪام ميت)

**مسئلو:** بهتر آهي ته وهنجارڻ واري تمام قريبي رشتيدار هجي. جيڪڏهن قريبي رشتيدار نه هجي يا وهنجارڻ نه ڄاڻندي هجي ته پوءِ بي ڪا به پرهيزگار ۽ ديندار خاتون پوريءَ طرح امانتداريءَ سان غسل ڏئي. امانتداري جو هڪ مطلب هي آهي ته آرام ۽ سڪون سان مسنون طريقي جو لحاظ رکندي غسل ڏئي. ائين نه ٿئي جو دل سان نه چاهيندي بس مڙيئي جان ڇڏائڻ خاطر ٻه ٽي لوٽا پاڻيءَ جا هاري ڇڏي. ۽ امانتداري جو ٻيو مطلب هي آهي ته جيڪڏهن ميت ۾ ڪا خوبي نظر اچي ته ماڻهن جي سامهون بيان ڪري جيئن چهري جو نوراني ٿيڻ، بدن مان خوشبوءِ اچڻ ۽ عضون جو نرم هجڻ ۽ جيڪڏهن ڪو عيب نظر اچي ته ڪنهن سان به بيان نه ڪري. جيئن چهري جو رنگ متجڻ، بدن مان بدبوءِ اچڻ، عضون جو سڪي يا ڦري وڃڻ يا اهڙو ڪو به عيب جيڪو پوري زندگي ماڻهن کان لڪائيندي رهي هرگز بيان نه ڪري ڇو ته حديث شريف ۾ اچي ٿو ته "پنهنجن فوت ٿيلن جون خوبيون بيان ڪيو ۽ برائين کان باز رهو" يعني انهن جون برايون بيان نه ڪيو.

## مسنون ڪفن جي ڪپڙي جو انداز ۽ تقسيم:

هڪ درماني جسم واري ماڻهوءَ جي ڪفن لاءِ ڏيڍ ميٽر بر (ويڪرو) وارو ڪپڙو اندازاً پوڻا ڏهه ميٽر کپندو جنهن جي پوري وضاحت ۽ تقسيم هن طرح آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. وڏي چادر ڊيگهه سوا ٻه ميٽر | $2\frac{1}{4}$ | ويڪر ڏيڍ ميٽر | $1\frac{1}{2}$ |
| 2. ننڍي چادر ڊيگهه پورا ٻه ميٽر | 2—0 | ويڪر ڏيڍ ميٽر | $1\frac{1}{2}$ |
| 3. سينه بند ڊيگهه ڏيڍ ميٽر | $1\frac{1}{2}$ | ويڪر ڏيڍ ميٽر | $1\frac{1}{2}$ |
| 4. قميص ڊيگهه اڍائي ميٽر | $2\frac{1}{2}$ | ويڪر هڪ ميٽر | 1—0 |
| 5. نقاب پوش ڊيگهه ڏيڍ ميٽر | $1\frac{1}{2}$ | ويڪر ٻارهن گرهه | 0—12 |

**نوٽ:** سينہ بند جي ٽڪري جي ڊيگھہ فقہ جي ڪتابن پورا ہ ميٽر لکيو آهي پر منهنجي خيال ۾ اهو صحيح نہ آهي ڇو تہ سينہ بند، سيني کان وٺي سٿرن يا پيرن تائين هوندو آهي. ان جي لاءِ وڌ ۾ وڌ ڏيڍ ميٽر جي ضرورت پوندي، تنهنڪري مٿين تقسيم ۾ بہ ڏيڍ ميٽر لکيو ويو آهي.

بهرحال انهي جو دارومدار ڪپڙي جي بر (ويڪر) ۽ ميت جي جسم تي آهي. ان وقت جي صورتحال کي سامهون رکي انهي حساب سان ڪپڙو گهرائجي.

**فائده:** وڏي ۽ ننڍي چادر جو بر (ويڪر) وڏو هجڻ ضروري آهي ڇو تہ ميت کي ان ۾ ويڙهٽو پوندو آهي ۽ اهڙي طرح سينہ بند جو بر بہ وڏو هجڻ ضروري آهي ڇو تہ سينہ بند جو ڇاتيءَ کان وٺي سٿرن تائين هجڻ ضروري آهي. باقي قميص ميت کي ويڙهبي نہ آهي تنهن ڪري وڏي بر واري ڪپڙي جي قميص واري ٽڪري جي بر مان غسل ڏيڻ وقت هٿن تي چاڙهڻ لاءِ دستانا (ڳوٿريون) ۽ ميت کي ڪفن پارائڻ کان پوءِ سيراندي، پيراندي ۽ وچ تي ڪفن کي ٻڌڻ لاءِ پٽيون نڪري سگهن ٿيون. اهڙي طرح نقاب پوش جو بر پارهن گرهہ هوندو آهي تنهن ڪري ان ڪپڙي جي بر مان بہ ڪي شيون نڪري سگهن ٿيون جيئن ستر پوش يعني اوگهڙ ڍڪيندڙ (جنهن جي وضاحت متعلقات ڪفن ۾ اچي ٿي).

**نوٽ:** ميٽرن جي لحاظ سان مسنون ڪفن جي باري ۾ هڪ اندازو بيان ڪيو ويو آهي تہ جيئن انهي اندازي مطابق ڪپڙو گهرائجي. باقي ڪفن ٺاهڻ وقت مٿي لکيل حساب مطابق ڪفن جا حصا ميٽرسان نہ ماپبا آهن بلڪ ميت جي قد ۽ بت کي ماپي ان حساب سان حصا ڪٽي ڪفن ٺاهبو آهي.

## ڪفن جي ٽڪرن جي ڊيگھہ

١. ننڍي چادر جي ڊيگھہ اُن ڪاني يا ڏاڱي جي برابر هجي جيڪو ميت جي پوري قد سان ماپيو ويو هو.

٢. وڏي چادر، ننڍي چادر ڪان ايتري وڏي هجي جو ٻنهي طرفن ڪان ميت کي ٻڌي سگھجي، جنهن جو اندازو چار گرهہ آهي.

٣. سينہ بند جي ڊيگھہ ايتري هجي جو ان سان چڱيءَ طرح ميت کي ٻڌي سگھجي.

۴. قميص ميت جي قد ماپڻ وقت ڪاني يا ڏاڱي تي ڪلهن جي برابر ۾ جيڪو نشان لڳايو ويو هيو ان نشان ڪان وٺي اڌ پني يا پيرن تائين واري ماپ ڪان ٻيڻو ڪپڙو ماپي ۽ ان کي ڪٽيو پوءِ ان ڪپڙي جا ٻئي ڪنارا پاڻ ۾ ملائي پوري وچ تي ٻيڻو ڪري سيني جي طرف ايتري قدر چاڪ ڪوليو (قينچيءَ سان چير ڏيو) جو آرام سان ڳچيءَ ۾ پارائي سگھجي.

۵. نقاب پوش جي ڊيگھہ ڏيڍ ميٽر هئڻ گھرجي.

## متعلقات ڪفن مان مراد ڇا آهي؟

معلوم هئڻ گھرجي تہ غسل ڏيڻ، ڪفن پارائڻ ۽ جنازي جي نماز پڙهڻ وقت ڪفن مسنونہ کان علاوه ڪجھہ ٻين ڪپڙن جي بہ ضرورت پوندي آهي. انهن کي متعلقات ڪفن (يعني ڪفن سان واسطو رکندڙ) چيو ويندو آهي. جيئن تہ انهن ڪپڙن مان ڪي اُهي آهن جيڪي ضروري نہ آهن ۽ ڪي ضروري تہ آهن پر انهن جو نئون هجڻ ضروري نہ آهي تنهنڪري صغير وارثن جي ملڪيت مان انهن ڪپڙن جو خريد ڪرڻ جائز نہ آهي. صغير وارثن جي ملڪيت مان صرف ڪفن مسنونہ جو خريد ڪرڻ جائز آهي.

اهڙي انداز سان وڇايو جيئن ميت جي ڪلهن جي هيٺان ڪان سٿرن يا پيرن تائين اچي وڃي. ان ڪان پوءِ وڏي چادر - ان جي مٿان ننڍي چادر - ان جي مٿان نقاب پوش جو هڪڙو پاسو اندازاً ميت جي اڌ پني ۽ ڪان وڇائي ٻيو پاسو سيرانديءَ جي طرف ڪان ويڙهي رکي ڇڏيو. ان جي مٿان قميص جو هيٺيون پاسو وڇائي مٿيون پاسو سيرانديءَ جي طرف ڪان ويڙهي رکي ڇڏيو. پوءِ ميت کي ان تي سمهاري قميص پارايو. غسل ڏيڻ وقت جيڪڏهن وات، نڪ ۽ ڪنن ۾ ڪپهه رکي هجي ته اها ڪڍي ڇڏيو. پوءِ وارن ۽ سڄي بدن کي خوشبو لڳايو. ۽ سجده ڪرڻ وقت جيڪي عضوا زمين تي لڳن ٿا يعني پيشاني، نڪ، هٿ، گوڏا ۽ پير انهن کي ڪافور لڳايو. ان ڪان پوءِ وارن جا ٻه حصا ڪري قميص جي مٿان سيني تي رکي ڇڏيو. هڪ حصو ساڄي طرف ۽ ٻيو کاٻي طرف. ان ڪان پوءِ نقاب پوش جو ٻيو پاسو مٿي ۽ منهن تي نقاب وانگر وجهي وارن جي مٿان رکي ڇڏيو. ان ڪان پوءِ ننڍي چادر جو کاٻو پاسو ميت تي ورايو ان جي مٿان ساڄو پاسو جيئن ساڄو پاسو مٿان هجي. سيني جي مٿان سينه بند جو مٿيون پاسو ڪلهن جي هيٺان ڪان ۽ هيٺيون پاسو سٿرن يا پيرن تائين (جيترو به ڪپڙو هجي) آڻي ٻڌي ڇڏيو. پوءِ سيراندي ۽ پيراندي ۽ وچ تي ڪفن کي ٻڌي ڇڏيو.

●●●

الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان اڄ مورخه ۲۹ رمضان المبارڪ ۱۴۲۶هه بروز خميس بمطابق 3 نومبر 2005ع عيسوي تي ڪتاب تعليم النساء جا پهريان ٻئي حصا مڪمل ٿيا. پهرين حصي ۾ وضو ۽ نماز ۽ ٻئي حصي ۾ حيض ۽ نفاس جا مسائل آهن، جن کي هن وقت حضرت صاحب جن جي حڪم مطابق شايع ڪيو وڃي ٿو.

۽ هاڻي هن ڪتاب جو ٽيون حصو زير تاليف آهي جنهن ۾ حقوق

العباد، حقوق الوالدين، حقوق الزوجين، حقوق الاولاد، پردو، گلا غيبت، بدگماني ۽ چغلي وغيره جهڙا مضمون شامل ڪري حضرت صاحب جن جي حڪم مطابق عورتن جي تعليم ۽ تربيت جي لاءِ هڪ جامع ڪتاب تربيت ڏنو ويندو.

مرشدن ڪريمن ۽ آقاءِ دوجهان ﷺ جن جي توصل سان دعا آهي ته شال الله تعاليٰ ٽئين حصي جي تڪميل ۽ ان کان پوءِ ان جي اشاعت جي به توفيق عطا فرمائي ۽ هن محنت کي پنهنجي بارگاهه ۾ مقبول و منظور فرمائي ۽ هن فقير جي لاءِ توشئه آخرت بنائي (آمين).

فصل الله تعاليٰ عليٰ حبيب محمد وآله و اصحابه اجمعين.

# سھڻي صلاح

"فرصت جو وقت" هر ڪو ماڻھو پنھنجي پنھنجي پسند مطابق گذاريندو آهي. ڪي ماڻھو ڪلبن ۽ دوستن سان شيطاني شرارتن ۽ بي سود ڪچھرين ۾ محو، تہ ڪي ڊش اينٽينا، وي سي آر ۽ غير مھذب فلمن جي ڏسڻ ۾ مشغول ۽ ڪي وري اهڙي قسم جو لٽريچر اخبارن، رسالن، ڊائجسٽن جي صورت ۾ خريد ڪري گناھ جي لذت حاصل ڪرڻ سان گڏو گڏ پيسو ۽ وقت ضايع ڪري اجايو خرچ ڪندڙن جي ٽوليءَ ۾ شامل ٿي قرآن پاڪ جي فيصلي مطابق شيطان جا ڀائر ٿين ٿا.

ڪھڙو نہ چڱو ٿئي جو انھن سڀني ڳالھين کي ڇڏي ديني ڪتاب خريد ڪري پنھنجي ديني معلومات ۾ اضافو آڻجي، الله ۽ الله جا حبيب پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن بہ راضي ٿي پون ۽ خرچ بہ سجايو ٿئي تہ وقت بہ سجايو.

اسان جي اداري جي طرفان بہ وقت بوقت بي بها ۽ قيمتي ڪتاب شايع ٿيندا رهن ٿا، هن وقت جن ڪتابن جو اسٽاڪ اسان وٽ موجود آهي سي هي آهن.

1 "سيرت ولي ڪامل" حصو پھريون (اردو) جنھن ۾ حضرت قبلا سھڻا سائين نورالله مرقده جن جي سوانح حيات ۽ سندن ديني خدمتن جو تذڪرو آهي.

2 "ملفوظات طاهريہ" (سنڌي) جنھن ۾ حضرت قبلا سچڻ سائين دامت برڪاتھم عاليہ جن جي مختلف جڳھن تي بيان ڪيل خطابات جو نچوڙ آهي.

3 رسالو "الطاهر" (اردو) جماعت جو ترجمان رسالو ڪراچي منجھان هر ٽن مھينن ڪانپوءِ شايع ٿيندو رهي ٿو.

4 رسالو "الاصلاح" (سنڌي) جماعت جو ترجمان رسالو دادو منجھان هر ٽن مھينن ڪانپوءِ شايع ٿيندو رهي ٿو.

**الاصلاح پبليڪيشن دادو**

0300-3270688

الطاهر پرنٽرس ڪراچي. 021-4717266